# تسبيحِ محبت

خليفو محمد عمر "اختر" هالائي

١٣١٢ھ/١٩٩٢ع

سنڌي ادبي بورڊ
چام شورو/حيدرآباد سنڌ
پاڪستان

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# تسبيح محبت

(شاعريءَ جو مجموعو)

محمد عمر "اختر" هالائي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ
١٤١٢ھ/١٩٩٢ع

[حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ]

ڇاپو پهريون مئي ١٩٩٢ع تعداد ٻه هزار

قيمت: ٻيهه روپيا

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ڄامشورو سنڌ ۾ ڇپيو ۽ سيد امداد حسيني سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست


| | |
|---|---|
| ١- ناشر پاران | |
| ٢- شعاعِ اختر | مخدوم طالب المولى |
| ٣- پيش لفظ | الف/ن |
| ٤- اختر هالائيءَ جي شاعري | ١ |
| ٥- مناجات/نعت | ١٧ |
| ٦- نعت/نعت | ١٨ |
| ٧- غمِ حسين رضه | ١٩ |
| ٨- عظمتِ حسين رضه | ٢٠ |
| ٩- نظم | ٢١ |
| ١٠- تعارف | ٢٣ |
| ١١- شاعر | ٢٤ |
| ١٢- هالا | ٢٥ |
| ١٣- ترانو/سلام | ٢٦ |
| ١٤- ترانم پاڪستان (التجا) | ٢٧ |
| ١٥- اليڪشن/ليڊر | ٢٨ |
| ١٦- تعمير ملت | ٢٩ |
| ١٧- عرضِ حال/سياستِ سند | ٣٠ |
| ١٨- غريب و غني | ٣١ |
| ١٩- موت و حيات | ٣٢ |
| ٢٠- نماز | ٣٣ |
| ٢١- روزو | ٣٤ |

| | |
|---|---|
| ۲۲- سئنیما | ۳۵ |
| ۲۳- استقبال آدم | ۳٦ |
| ۲۴- خاک حجاز | ۳۷ |
| ۲۵- زاهد ۽ شيطان | ۳۹ |
| ۲٦- شرافت ۽ فيشن | ۴۱ |
| ۲۷- سگريٽ ۽ شمع | ۴۳ |
| ۲۸- لغز | ۴۴ |
| ۲۹- آرٽ | ۴۵ |
| ۳۰- تون ۽ مان | ۴٦ |
| ۳۱- الاٽمينٽ/قيامت | ۴۷ |
| ۳۲- نسخه ڪيميا/سهرا | ۴۸ |
| ۳۳- جنت/دولت | ۴۹ |
| ۳۴- دين و دنيا/دولت تسليم | ۵۰ |
| ۳۵- ڈائري | ۵۱ |
| ۳٦- تهذيب فرنگ/سرمائيداري | ۵۲ |
| ۳۷- شڪايت حال | ۵۳ |
| ۳۸- آزادي | ۵۴ |
| ۳۹- خدا خير ڪري | ۵۵ |
| ۴۰- پوليس/قائداعظم ۽ پاڪستان | ۵٦ |
| ۴۱- ترغيب عمل | ۵۷ |
| ۴۲- ڪوشش/ادائي عشق | ۵۸ |
| ۴۳- سلامتي ڪائونسل/تقرير | ۵۹ |
| ۴۴- گرفتار دنيا/تقدير | ٦۰ |
| ۴۵- فقير و امير/تنقيد و اصلاح | ٦۱ |

٤٦- نوائي طرب/تصوّف ٦٢
٤٧- ترقي ٦٣
٤٨- حسنِ عريان ٦٤
٤٩- ماءُ ٦٥
٥٠- قطعهٔ تاريخ تذڪرهٔ شعراء هالا ٦٦
٥١- قطعات ٦٧
٥٢- لمحاتِ اختر/سنڌ جو اقبال/د نيا/محبتِ د نيا ٦٨
٥٣- فيلسوف/عورت/ماحول/سڪونِ قلب/عيد قرباني ٦٩
٥٤- جلوه گاهم/عشق و خرد/حجام ۽ حڪيم/ڪاليج جي ڪڪي ٧٠
٥٥- مصحف فطرت/مستي/د ربار ناز/سايئه د يوار/بيحال ٧١
٥٦- بي ضمير/امير/اقربا نوازي/ادب ۽ قوم/هوائي جهاز ٧٢
٥٧- د ل/عيد/هلال عيد/زند گي/مقابلو ٧٣
٥٨- مقامِ سڪون/ڪلب/عشق ٧٤
٥٩- غزل ٧٥
٦٠- ڪافيون ١٤٢

# ڇپائيندڙ پاران

اختر هالائي هڪ پڪو پختو شاعر آهي. هن جي شاعريءَ تي هالا جي مڪتب فڪر جي گهري ڇاپ آهي. ان سان گڏوگڏ هالا جي مڪتب فڪر تي به اختر هالائي پنهنجي گهري ڇاپ ڇڏي آهي.

اختر هالائيءَ روايتي عروضي شاعريءَ جا سمورا لوازمات پورا ڪيا آهن، پر هن حشر، شرم، ختم، فرق، فهم کي سنڌي اچار وانگي ڪتب آندو آهي. روايتي عروضي شاعريءَ جي ڪٺن بندش کان اها بغاوت ئي کيس منفرد ڪري ٿي بيهاري. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو اختر جي شاعري رڳو بحر وزن جي ٽيڪي تي ڪنيل بوتو نه آهي، پر هن وٽ هڪ ڌڙڪندڙ دل به آهي:

دلِ حساس پيدا ڪئي خدا شاعر جي سيني ۾

سياست سنڌ، غريب و غني، نماز، روزو، پوليس، ترقي.... جهڙا نظم ان ڳالهه جو ثبوت طور پيش ڪري سگهجن ٿا. اختر وقت جي حالتن کان غافل آهي:

سياست سنڌ جي گهوڙن جو ميدان
اچا چالو نظارو آ ڏسڻ جو

اهو نظارو اڄ به چالو آهي، ندڙڪا گهوڙا، غيباڻا هسوار وانگر! ڇا هڪ شاعر جي اک ايترو پري تائين ڏسي سگهي ٿي! تڏهن ئي ته هو اها بشارت ٿو ڏئي:

ٻڌو اٿم ته هتي ڪو مسيح اڀٽو آهه

| | |
|---|---|
| سيد امداد حسيني | ٢٧-٥-١٩٩٢ |
| سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ | ڄام شورو سنڌ |

شعاع اختر

خليفو محمد عمر اختر هالائي

هالائي تاريخ ۾ بهترين شاعر
ٿي گذريو آهي - اڄ ڪلهه سمجهيو ويندو ته
آسمان اختر هالائي زمين تي
نازل ٿيو. هن جي شعر ۾ روشني
سان زمين کي آسمان بنائي ڇڏيو هئائين -
اها روشني هميشه زمين وارن کي ملندي
شعاع سان منور ٿيندي رهندي هئي -
ماڻهن کي ليکڪ آهي ته هي روشني ماڻ
زمين وارو مخلوق يعني شعراء ڪرام
حضرات شعاع حاصل ڪندا رهندا
آءٌ هن روشني ۾ شاعر جي طرح کي
سمجهندو رهندس ته ڪليم ڊس ڏيئي
هميشه روان دوان رهندا -

مخدوم طالب المولى
١٣ اپريل ١٩٦٢ع
٢٦ رمضان ١٣٨١هه

الڪاتب
هالا
شريف

# پيش لفظ

خليفو محمد عمر 'اختر' هالائي ولد خليفو الحاج حافظ عبدالرحمان ميمڻ المعروف 'متقي' هالا ۾ ٢٧- ڊسمبر ١٩١٧ع تي پيدا ٿيو. حالانڪ سندس تاريخ ولادت ۾ اختلاف آهي، ڇاڪاڻ تہ سندس يار-غار ۽ ٽيج شريڪ ڀاءُ 'سليم' هالائي ١٢- نومبر ١٩١٨ع تي ڄائو. سليم صاحب جو چوڻ آهي تہ 'اختر' صاحب مون کان صرف ٽي مهينا وڏو هو، تنهن ڪري سندس ولادت جولاءِ ١٩١٨ع جي لڳ ڀڳ ٿي هوندي- پر ڇاڪاڻ تہ ان وقت ڄمڻ جي تاريخن لکڻ جو رواج ڪونہ هو، ان ڪري مٿين ولادت جي تاريخ قائم ڪئي وئي آهي. ڪين 'متقي' انهيءَ ڪري چوندا هئا، جو سندن خاندان پرهيزگار ۽ صوم و صلوات جو پابند هو. 'خليفي' جو لقب کين پنهنجي مرشد خياروي پيرن وٽان مليل هو، جنهن جا هو مريد هئا. سندن خاندان پشت بہ پشت انهيءَ زهد و تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ تي قائم رهندو پيو اچي. حڪمت سندس خانداني پيشو هو. ان وقت جي رائج مُلّان مڪتبن ۾ سنڌي تعليم حاصل ڪيائين. آن کان پوءِ پنهنجي وڏي ڀاءُ مولوي مير محمد 'مادح' ۽ پنهنجي مامي حاجي محمد يعقوب 'مهمان' وٽ اردو، عربي ۽ فارسي پڙهيو، جنهن ڪري اهي چارئي ٻوليون روانيءَ سان لکي پڙهي سگهندو هو. شروعات ۾ پاڻ گرهيون ۽ موسيون آٽڻ جو ڪم ڪندو هو، بعد ۾ ان کي ترڪ ڪري پنهنجو اباڻو ڌنڌو. حڪمت شروع ڪيائين ۽ "چشمہءِ ڪوثر" جي

انهن ادارن جي مشاعرن ۾ اچي شريڪ ٿيندا هئا. گهڻو ڪري انهن مشاعرن جي صدارت جناب قبلہ مخدوم طالب المولىٰ صاحب جن ڪندا هئا، جنهن ڪري به محفلن ۽ مشاعرن ۾ رنگ پيدا ٿيندو هو. جڏهن هالا ۾ سروري اسلاميہ ڪاليج قائم ٿيو، تڏهن انهيءَ جو پهريون پرنسپال مرحوم محبوب علي چنہ جهڙي علمي ادبي شخصيت مقرر ٿيو ۽ سروري ڪاليج ۾ به بزمِ سروري جي نالي سان هڪ ادبي جماعت جو بنياد پيو. آن کان سواءِ هالا ۾ انجمن علم و ادب، بزمِ فردوس ۽ بزمِ رفيق جهڙا ادبي ادارا به وجود ۾ آيا، جن جي محفلن ۾ اختر صاحب جا شعر وڏي شوق ۽ ذوق سان ٻڌا ويندا هئا. اختر صاحب جي دواخاني تي شام جي محفلن ۾ گهڻائي مبتدي ۽ صاحبِ ذوق شاعر اچي شريڪ ٿيندا هئا، جن ۾ راقم الحروف، عبداللطيف ساقي، محبوب سروري ۽ شعبان بخت (پهرين 'خاڪ') قابلِ ذڪر آهن ۽ سندس علميت ۽ دانائيءَ کان مستفيض ٿيندا هئا. اختر صاحب شاعريءَ سان گڏ صحافت به ڪئي. هن ۱۹۵۱ع کان ۱۹۵۳ع تائين هفتيوار اخبار "تعمير" جاري ڪئي ۽ ۱۹۵۳ع کان ۱۹۵۷ع تائين هفتيوار "ڪوثر" جاري ڪئي. سندس شاعريءَ جا موضوع تصوف، اسلام، سماج، اخلاق ۽ سياست هوندا هئا. اختر صاحب جيتوڻيڪ شاعريءَ جي سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، پر آنهن ۾ غزل ۽ نظم سندس پسنديده صنفون هيون. اختر صاحب جي شاعريءَ کان قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، پڻ گهڻي قدر متاثر هئا. قبلہ مخدوم صاحب جن هڪ خط ۾ اختر صاحب کي هن طرح رقمطراز آهي تہ:

"ڪيترا ڏينهن گذري ويا آهن تہ وساري ڇڏيو اٿئي. شايد سرد مهري پيدا (خدا نہ ڪري) ٿي آهي."

مان دور رهڻ سان ٻه سچڻ توسان آهيان گڏ،
تون آهين ٻه گڏ يار مگر دور رهين ٿو.

۱۳- اپريل ۱۹۵۵ع طالب‌المولیٰ

ان خط تي هيٺيان نوٽ آهي ته: "خط لکڻ وقت مٿيون پنهنجو شعر ياد اچي ويو، جو موقعي جي لحاظ کان لکيو ويو آهي." ان خط جي هيٺان نوٽ بعد اختر صاحب هڪ شعر لکيو آهي:

طالب‌المولیٰ جي صحبت کيو اثر،
نکته سنج و نکته دان گهولي لڌم.

(اختر هالائي)

اهو اصلي خط اختر صاحب جي وارثن وٽ موجود آهي. بزمِ طالب‌المولیٰ جي مشاعرن ۾ به، اختر صاحب کي وڏي اهميت حاصل هوندي هئي.

اختر صاحب جا جيترا ئي شاگرد هئا، مثال طور محمد رحيم 'فيروز'، عبدالقيوم 'زخمي'، عبدالستار 'عبد' ۽ راقم‌الحروف وغيره، انهن سڀني کان وڌيڪ مون کي پائيندو هو. ويهين صديءَ جي ڇهين ڏهاڪي ۾ مون ۽ اختر صاحب جيڪب‌آباد کان وٺي ڪراچيءَ تائين ڪيترن ئي آل سنڌ ڪانفرنسن ۽ مشاعرن ۾ شرڪتون ڪيون. لاڳيتا ٻه سال آئون ۽ اختر صاحب آڏيري لعل جي ميلي تي وياسين، جتي انهي سالن ۾ اختر صاحب جيڪي شاهڪار نظم لکيا هڪ "ٻولي واري" ۽ ٻيو "ناچڻي"، انهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. مون کي افسوس آهي جو اهي ٻئي نظم سندس وارثن وٽ موجود ڪونه آهن. مون کي ياد پوي ٿو ته "ٻولي واري" نظم سڪر مان ان وقت نڪرندڙ رسالي "اهلِ قلم" جي ڪنهن پرچي ۾ شايع ٿيو هو، پر اهو پرچو هٿ نه اچي سگهيو آهي.

عشق جي صداقت ڪيئن نہ جهلڪا ڏئي ڏي! سندس عاشقاڻي طبع عشق جي لذت سان چشڪا وٺي رهي آهي. جدائيءَ جا لمحا اذيت ناڪ بہ ٿين ٿا تہ روح کي ڏنگيندڙ بہ ٿيندا آهن. هجر جي شدت ۾ محبوب جي بي وفائيءَ جي اپٽار لُٽيائيندڙ لفظن ۾ ڪئي اٿس، چوي ٿو تہ:

ڪيئن رنگ ڏيئي ڦاهي مون تصوير ِ يار نيٺ،
بس هڪ ئي رنگ ِ مهر و نظر جي تلاش آهہ.

اختر هالائيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪيئن رنگ ڏسڻ ۾ ايندا. سندس شاعريءَ ۾ وڇوڙي جا ورلاپ بہ آهن تہ ميلاپ جا ميلا بہ آهن. ويڇن جا ويچار بہ آهن تہ درد جا دولهان بہ آهن. خوشيءَ جا خزانا بہ آهن تہ غم جا غبار بہ آهن. ڏک جا ڏار بہ آهن تہ سک جا سنيها بہ آهن. وجود جو ويساهہ بہ آهي تہ دلبر جا ديدار بہ آهن. محبت جا ٻچ بہ آهن تہ نفرت جا نانگ بہ آهن. رهاڻ جي رُت بہ آهي تہ اڪيلائيءَ جا آڙاهہ بہ آهن. رَڃ جا راڄ بہ آهن تہ ماڳ جا مزا بہ آهن. سوريءَ جا ساٿ بہ آهن تہ چمن جا چهچٽا بہ آهن. مطلب تہ اختر هالائيءَ جي رنگين ِ سخن رنگ آميزي سندس هن شعر مان ئي عيان آهي، چوي ٿو تہ:

مدعائي وصل تي بس مختصر مليو جواب،
قصہ ِ منصور تي يا طور جو افسانہ ٿي.

ٻي هڪ هنڌ هن طرح پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو اٿس: ملاحظہ فرمايو:

نہ ڪليسا ۾ مليو ۽ نہ حرم ۾ ئي مليو،
هر طرف حسرت ِ ديدار تہ ماشاءالله،

اختر هالائيءَ وٽ موضوعن جي ڪوٽ ڪانهي. غزل هجي يا نظم، هر صنف ۾ هن متعدد موضوعن تي طبع آزمائي

انهيءَ ساڳئي بحر وزن ۽ قافيي رديف تي اختر هالائيءَ جون ٻه سٺون مون وٽ لکيل لڌيون آهن، جيڪي پيش خدمت آهن: (نوٽ: سندس ڪلام ۾ ڇاپايل نه آهن.)

هي بازارِ نمائش آ هتي سڀ ڪجهه نظر ايندو،
ڪو پٿر ڪي ڪٿي آيو ڪو گوهر ڪي ڪٿي آيو.

المختصر ته اختر هالائي پنهنجي ٿوري عمر هوندي به علم و عرفان جو ايڏو خزانو ڇڏي ويو آهي، جنهن کي بار بار پڙهڻ سان به ڍءُ نٿو ٿئي. واقعي اهو هن پنهنجي لاءِ سچ لکيو آهي ته:

جلال و جلوهِ تاجِ جهانگيري شرف منهنجو،
يقين جي گنج جو الماسِ استقلال مان آهيان.

هالا

٦- فيبروري ١٩٩٢ع

انور هالائي

## خليفو محمد عمر "اختر" هالائي



آيو مسيح آهي محبت جي لاش تي،
"اختر" وري بہ زنده ٿيڻ تو نصيب ٿئي.

# اختر هالائيءَ جي شاعري

رهن گوهر ٿا بيشڪ بادشاهن جي خزيني ۾،
دلِ حسّاس پيدا ڪئي خدا شاعر جي سيني ۾.
اختر

خليفو محمد عمر اختر هالائي مرحوم، سرزمينِ هالا جي ادبي افق جو اهو وهاڻو تارو آهي، جيڪو جڏهن آسمانِ ادب تي پوري روشني ۽ نور سان ظهور پذير ٿيو ته هر ڪنهن نگاه جو مرڪز ۽ هر ڪنهن اک جو تارو بنجي نمودار ٿيو. عالمِ پرڪيف جو هي شهنشاهِ خيال، جڏهن مطلع اهلِ سخن تي طلوع ٿيو ته هن جي فڪر جي مشعل جي شعاع سان، بزمِ بلاغت جگمگ جگمگ جرڪڻ لڳي. اختر جي شاعريءَ جو آواز ۽ انداز ٻين کان الڳ، سڀ کان جدا ۽ سڀ کان ممتاز هو. اختر جو شعر روايتي شاعريءَ ۾ هڪ نئين روايت جو آغاز هو. لفظ و معنيٰ ۽ جذبات و احساسات جو حسين امتزاج ۽ فڪر و تخيل جو بلند پرواز، اختر جي ذهنِ رسا جو اعجاز هو ۽ حلقئہ شعرا کي اختر جي شاعريءَ تي بجا طور ناز هو. آسمانِ ادب جو هي روشن ستارو فقط ٿوري دير اوجِ فلڪ تي منوّر رهي، اوچتو ئي اوچتو عدم جي اونداهين ۾ غروب ٿي ويو. اردو زبان جي عظيم شاعر اختر شيراني وانگر سنڌي شعر جو اختر هالائي بہ عين عالمِ شباب ۾ ٣٣ سالن جي عمر ۾ رحلت ڪري ويو.

اختر صاحب، مروجہ شاعريءَ جي تقريباً هر صنفِ سخن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، غزل ۽ نظم، اختر صاحب جا پسنديده صنفِ سخن آهن. هو غزل ۽ نظم جو هڪ وڏو ۽

شاندار ذخيرو اهلِ ادب جي خوش چينيءَ لاءِ ڇڏي ويو آهي. ان کان سواءِ قطعا، رباعيون، مسدس ۽ سنڌي ڪافيءَ تي به اختر صاحب طبع آزمائي ڪئي آهي. غزل هجي يا نظم، يا قطعو، رباعي اختر صاحب جي شعر ۾ فڪر جي بلندي، خيال جي ندرت، زبان و بيان تي مڪمل عبور ۽ استادانه مهارت موجود آهي. ادائگي جو انداز اثرائتو ۽ دلڪش، الفاظ جي بندش ۽ علم عروض جي اصولن جي پابندي درجهء ڪمال تي پهتل آهي. اختر صاحب جا نظم سندس دور جي معاشرتي ماحول، ان دور جي سياسي سوچ ۽ تمدني فڪر جي صحيح عڪاسي ڪن ٿا. معاشرتي، اخلاقي ۽ معاشي موضوعن تي اختر صاحب جيڪي نظم لکيا آهن، انهن مان سندس قومي شعور ۽ سياسي سوچ ۽ ذهني رجحان جو واضح اظهار ٿئي ٿو. خدا شاعر جي سيني ۾ جا دلِ حساس پيدا ڪئي هئي، ناممڪن هو ته ان وقت جي آمر ۽ جابر قوتن جي ڏاڍ ۽ زور جي خلاف نفرت ۽ حقارت جا جذبات نه بيدار ٿين ۽ اهو شاعر ئي ڪهڙو، جو مظلومن ۽ هيٺن جي حمايت ۾ حق جو آواز نه بلند ڪري!

اختر صاحب اڄ کان ۳۵ سال اڳ اعلان ڪري ويو ته:

اسين اڄ به ناهيون غلاميءَ کان آزاد،
جي آزادي آهي ته چورن ۽ ٺڳن کي.

ڏٻايون وڃن ٿيون اسان جون زبانون،
۽ روڪيو وڃي ٿو اسان جي هٿن کي.

زمانو اچي ويو عجب آهه ”اختر“،
چنو لائي وهٽو پوي ٿو ڇپن کي.

اڄ کان ۳۵ سال اڳ جا لکيل هي شعر اڄ جي حالتن سان به بلڪل ٺهڪي اچن ٿا. ائين ٿو محسوس ٿئي ته ڄڻ شاعر بنهه اڄ ويهي اهي شعر لکيا آهن. عظيم شاعري جو اهڃاڻ به اهو ئي آهي ته اها هر زماني ۽ هر دور جي حالتن تي

ٿهڪي اچي. شاهه لطيف ۽ شيڪسپيئر ۽ ڪلام ڪئين سئو سال گذرڻ جي باوجود اڄ به اسان جي حالتن ۽ مزاج موافق رهنمائي ڪري ٿو.

اختر صاحب جي شاعريءَ ۾ اهڙا ”تازه ترين ڪلام“ بيشمار آهن. اليڪشن جو تماشو اسان جي قوم هاڻي تازو ڏٺو آهي. ان موضوع تي اختر صاحب ١٩٥٤ع ۾ جيڪو نظم لکيو آهي، اهو ائين لڳي ٿو، ڄڻ اليڪشن ١٩٩٠ع تي لکيو ويو آهي:

اليڪشن جو زمانو آ، وري ليڊر اچي بيٺا،
نوان رهزن اچي بيٺا، نوان رهبر اچي بيٺا.
طبيلن مان توائي ٿي هليا ويا اسپ تازي سڀ،
ٻڍارن جي ڪُڙهين مان هينگون ڏيندا خر اچي بيٺا.
مٿي هٿا جن جا سر، ڪنهن وٽ هلڻ هلڪائي سمجهيائون
ڪمينن جي درن تي ووٽ لءِ هر هر اچي بيٺا.
فريبِ حسن و حرڪت جي گلي ۾ هار پاتائون،
محبت جي جنازي تي ڪٽي نشتر اچي بيٺا.
ڪمي ڪانهي سياسي احمقن جي بزمِ دنيا ۾،
تماشو زور ٿي ويو جو به بازيگر اچي بيٺا.
(١٩٥٤ع)

قوم جي نام نهاد ليڊرن جي موقعه پرستي، منافقي، بزدلي، نااهلي ۽ رشوت خوريءَ تي اسان جي شاعرن، اديبن، صحافين ۽ ڪالم نگارن گهڻو ڪجهه لکيو آهي. اچو ته ڏسون ته اختر صاحب اڄ کان ٣٥ سال اڳ ان موضوع تي ڇا لکي ويو آهي:

اسان کي اڄ نه ڪنهن بيڪار ليڊر جي ضرورت آهه،
نه رهزن جي ضرورت آهه، نه رهبر جي ضرورت آهه.

اٿو! خنجر بڪف ٿي، هلو هاڻي اج سرِ ميدان،
ضرورت آ تہ هڪ مضبوط پادر جي ضرورت آهہ.

وطن وڪڻيو وڃن ٿا ذاتي ملڪيت وڏائيندا،
وڏي بڻئي مان هڪڙي ڏينهن آخر ڏوڙ پائيندا.

رڳو رشوت جي روپين سان رمي جي روز و شب ڪيڏن،
آهي کهڙا هلي نڪتا سياست جا نڀائيندا.

رڳو ڳالهين سان ٿيٺي قوم جي تعمير ڪانهي ڪا،
نصيحت سان ڀلا بدچال ۾ لونر سڏا ٿيندا؟

پڇي ويندا اهي بزدل ڪري ميدان ڪي خالي،
جڏهن هر طرف کان تلوارون ۽ خنجر سڏا ٿيندا.

---

شاعر ۽ ليڊر ٿيڻ سولي ڳالهہ ڪانهي. سڏڙيا شراب جون ڪوهہ ڀچارون ڪن!! هتي تہ رت ولوڙي پت ڪرڻو آهي. شاعر ٿيڻ يا ليڊر بنجڻ لاءِ خلوص و محبت، ارادي جي پختگي، عمل جي پاڪيزگي، سچائي ۽ استقامت، نگاه بلند، سخن دلنواز ۽ جان پرسوز جي ضرورت آهي، پر اجڪلهہ جتي ڪٿي پئسي جي بازي آهي. نئين دؤر ۾ پئسي سان اديب ۽ شاعر ۽ پئسي سان ليڊر ۽ رهبر پيدا ٿين ٿا. اختر صاحب جو مشاهدو آهي تہ:

پئسن سان پئي وڪامي اج قوم جي قيادت،
هر اهلِ زر جهان ۾ ليڊر ٿيڻ تو چاهي.

دولت پرست ويڻا محبوب قوم بنجي،
جيئن شاعريءَ ۾ هرڪو 'اختر' ٿيڻ تو چاهي.

اختر صاحب جي قومي شاعريءَ جو بهترين دؤر سنہ ١٩٥٠ع کان ١٩٥٨ع تائين آهي. ان دوران اختر صاحب پهرين هفت روزه "تعمير" (١٩٥٠ع کان ١٩٥٢ع) ۽ پوءِ

هفت روزه "ڪوثر" (١٩٥٣ع-١٩٥٧ع) هالا سان جاري ڪئي. انهن اخبارن جا فائيل شاهد آهن ته اختر صاحب ڪيئن نه تن تنها نثر ۽ نظم ۾ معاشري جي خرابين، حاڪمن جي بدڪردارين ۽ بيجا طرفدارين ۽ مظلوم عوام سان ٿيندڙ عقوبتن کي بي نقاب ڪرڻ لاءِ بي خوف ٿي جهاد ڪيو آهي. حديث شريف ۾ آهي ته بهترين جهاد جابر سلطان آڏو ڪلمهءِ حق بلند ڪرڻ آهي، ۽ ڪلمهءِ حق جي اظهار ۾ اختر صاحب نه ڪنهن وقتي مصلحت کي پيش رکيو ۽ نه ذاتي مفاد يا انديشهءِ نقصان کي خاطر ۾ آندو. پوليس جي ڏاڍائي ۽ ارڏائي اهلِ سنڌ لاءِ ڪا نئين ڳالهه نه آهي. سنڌي سڀاجهڙا پوليس جي ظلم ۽ ستم کي سدائين صبر و شڪر سان سهندا آيا آهن. پوليس جي باري ۾ اختر صاحب جو ارشاد آهي ته:

ظلم و ستم پوليس جو ظاهر ظهور آهه،
ڪرين جو پاسبان بگهڙ بي شعور آهه.
چوري به ياڳين جي ۽ ڪنجن به ياڳيا!
قائم ڪئي جهان ۾ اهڙو ڪلور آهه.
آهي ڪو اهلِ فهم جو سمجهائي صاف صاف!
ظالم ترين پوليس جو ڪهڙو ضرور آهه.
جمهوري راڄ جي پڻ مٽي پليد ٿئي!
بس! آپيشاهي حڪم ۽ حاضر حضور آهه.
قهر و جفا ۾ صورتِ چنگيز آ پوليس!
يعني بجاءِ امن شرانگيز آ پوليس!

اسڪندر مرزا، پاڪستان جو اهو منحوس حاڪم آهي، جنهن جي هوَسِ حڪومت هن ملڪ ۾ مارشل لا جي لعنت کي رائج ڪيو. سندس حڪومت جي جاه و جلال ۽ ظلم و ستم ۽ جوڙ توڙ جي سياست اسان جي تاريخ تي هڪ بدنماداغ آهي. اختر صاحب جي جرئتِ اظهار کي داد ٿا ڏيون، جنهن هن جابر

حاڪم ڪي سنڌ س عروج جي دور ۾ هن طرح سان مخاطب ڪرڻ ۾ ڪجهه به هٻڪ محسوس نه ڪئي.

اي سڪندر بخت! پاڪستان جا چشم و چراغ،
عزّت و عظمت جي دولت، تنهن جو ٿيرايو دماغ.

تون جوان ٿيندو رهين هر حال حرص و آز ۾،
توکي ٿيو شرفِ صدارت آهه بزمِ ناز ۾.

عيش ۽ عشرت جو متوالو، رهين ٿو رات ڏينهن،
توتي غالب آهه اڪثر ناچ ۽ ڳاني جو نينهن.

قوم جي اصلاح جي تو ۾ ليـاقت ڪانه آهه،
ملڪ و ملّت جي سنڀالڻ جي صداقت ڪانه آهه.

تون ٻڏڻ وارو، ٻين کي سير مان تاريندين ڪيئن؟
شاهدِ تهذيب کي شوڪت سان سينگاريندين ڪيئن؟

پاڪستان جي جاگيردارانه ۽ وڏيرڪي سياست جون بدعنوانيون ڪامورن ۽ آفيسرن جي آپيشاهي، معاشري جي اجتماعي منافقي ۽ بي راه روي، عوام النّاس جي دين ۽ مذهب کان دوري ۽ گمراهي، هي اهي موضوع آهن، جن تي اختر صاحب سڄي ڄمار پنهنجي قلم جي هٿيارن سان جنگ لڙندو رهيو آهي.

مذهبِ اسلام سان قلبي وابستگي، اختر صاحب جي ضمير ۾ شامل آهي. اختر صاحب هالا جي هڪ متقي گهر ۾ جنم ورتو. سندس والد محترم خليفو عبدالرحمٰن حافظِ قرآن، صوم و صلواة جو پابند، تهجدگذار ۽ پاڪيزه زندگي گذارڻ وارو بزرگ هو. سندس وڏو ڀاءُ الحاج مولوي مير محمد مادح هڪ تحصيل ڪرده عالمِ دين هڪ سنديافته مولوي ۽ مفتي، هڪ نيڪ ۽ پارسا انسان هو. اسلام سان محبت، اختر صاحب کي ورثي ۾ ملي آهي. اختر صاحب اسلام جي بلندي ۽ مسلمانن جي عظمت، رفته کي

دوباره حاصل ڪرڻ لاءِ قوم مسلم ۾ نئون جوش، نئون جذبو ۽ نئون روح ڦوڪڻ چاهي ٿو. ان مقصد لاءِ هن بيشمار نظم لکيا آهن. ان ڏس ۾ اختر صاحب، شاعر مشرق علامه اقبال کان بيحد متاثر آهي. سنڌس نظمن جو آهنگ، خطابيه انداز، لفظن جي جوڙجڪ ۽ انتخاب ۽ قافيه جو امتزاج سڀ اقبال جي بانگِ درا، بال جبريل ۽ ضرب ڪليم جي نظمن سان مماثلت رکن ٿا، اختر صاحب ان تاثر جو پاڻ به اعتراف ڪري ٿو ۽ پاڻ کي بجا طور "سنڌ جو اقبال" ڪوٺي ٿو:-

عام ۾ افسوس ڪونهي، تنهن جي اقوالن جو قدر،
در حقيقت آهين "اختر" "سنڌ جو اقبال" تون.

"سنڌ جو اقبال" شاعر مشرق علامه اقبال جي فڪر کان متاثر ضرور آهي، مگر متفق ۽ مقلد نه آهي، اقبال فلسفه ۽ خوديءَ جو پرچار ڪيو آهي، جنهن کي هو ايترو بلند ڪرڻ چاهي ٿو جو ان خوديءَ سان خدا به گرفتار ٿي سگهي!

يزدان بہ ڪمند آورد، اے ھمّت مردانہ!

اختر صاحب ان جي برعڪس سنڌ جي صوفي شاعر وانگر خوديءَ کي خدا ۾ گم ڪري ڇڏڻ جو قائل آهي. هو پاڻ کي پائمال ڪري ۽ پنهنجي هستيءَ کي نيستيءَ ۾ نابود ڪري فنا ۾ بقا جو راز ڳولڻ جو ڪوشان آهي.

"نيستيءَ مان ٿي مليو هستيءَ جو راز،
لا جي دم سان لامڪان ڳولي لڌم."
اي دل تون پاڪباز ٿي ڪر پاڻ پائمال،
بي سود بحث ڪر نه ٿي هرهڪ سان هرخيال.
لا طمع ٿي تہ لوڪ ۾ تنهن جو وقار ٿئي،
"اختر" نه ٿي تون غير جو منّت پذير مال.

دين اسلام کي اختر صاحب هڪ مڪمل دين، هڪ مڪمل ۽ جامع نظام زندگي تصور ڪري ٿو. عام ملن ۽

مولوين وانگر مذهبِ اسلام کي صرف چند عادتن، ريتن ۽ روايتن تي اکيون ٻوٽي انڌو اعتقاد رکڻ کي صحيح نٿو سمجهي. هو اسلام جي هر رکن کي سوچي سمجهي ادا ڪرڻ ۽ ان جي صحيح روح کي رائج ڪرڻ جو قائل آهي.

هر طرح سمجهي ادا ڪر رڪنِ دين،
آهه سمجهڻ کان سوا بيڪار ايمان و يقين.

نٿو سمجهين اي مُلا قرئتِ قرآن جي غايت تون،
مطالع ڪر مداسي مصحفِ فطرت جي آيت تون.

ڏٺو وڃي ته تمام اڄ جو مسلمان نماز، روزو، تسبيح، قرباني ۽ ٻين ارڪانِ اسلام کي فقط هڪ رسم سمجهي، انهن جي معنيٰ ۽ مقصد کي سمجهڻ کان سواءِ هڪ ريت، هڪ روايت ۽ فقط ڪارِ ثواب سمجهي، انهن جي ادائگي ڪري ٿو. هڪ خدا کي سجدو ڪرڻ کان پوءِ دنيا جي ڪرت ۾ نه ڄاڻان ڪيترن بتن جي آڏو پرستش ڪري ٿو ۽ ان کان پوءِ به احساسِ گناهه کان عاري رهي ٿو. اختر، اهل اسلام جي هن دوعمليءَ کان سخت شاڪي آهي. نماز جي باري ۾ سندس ايمان آهي ته:

زاهد نماز و نفل کي سمجهين ثواب تو،
افسوس آهين ان جي تسقرر کان بيخبر.

صدين کان سجده گاهه ۾ تنهن جو سلام آهه،
پر آهين پنهنجي بختِ سڪندر کان بيخبر.

تنهن جي رباب مان هي آواز شرڪ جو؟
اي شيخ! آهين نغمهٔ حيدر کان بيخبر.

آهين اي بوالهوس! تون برابر قطار ۾،
پر وحدت الوجود جي منظر کان بيخبر.

روزي جي باري ۾ سندس قول آهي ته:

هوش رک اي عالمِ حاضر جا حضرت هوشيار،
تنهن جي بک جي ناهه پرواهه رب کي‌اي روزيدار.

نفس جي هر کا طلب، نوکر سان پرزا پرزا کر،
ناهه بک کانئن جو روزي ۾ رکيو شرطِ مدا.

فلسفو روزي جو آهي دين ۽ ايمان جي پوک،
ڇڏ نه تنهن ۾ چوٽ تون شترِ زبان کي بي مهار.

ساڳي طرح قربانيءَ جي باري ۾ فرمايو اٿس:

ڏڳين ڍورن کهڻ مان ڇا بنا مفهوم مطلب جي،
فقط صدين کان هلندي ٿي اچي رسمِ مسلماني.

اٿيئي اي جوان! قربان کرٽو نفس جو کابو،
کٿي اچ عرش تان پيغام آئي عيد قرباني.

الغرض اختر صاحب کنهن به طرح رسمي مسلماني جو قائل نه آهي.

نماز و روزه و تسبيح نيک فال مگر،
نشانِ اهلِ دل و دين ترکِ رسم و راه.

اختر صاحب جي شاعريءَ جو گهڻو تڻو حصو غزل تي مشتمل آهي. اختر صاحب بنيادي طور تي غزل گو شاعر آهي. هن جا اکثر نظم پڻ غزل جو رنگ ۽ انداز وکن ٿا.

اختر صاحب جا موجود سپ غزل سنہ ١٩٤٤ع کان ١٩٥٨ع
جي دور سان تعلق رکن ٿا. سنڌي ادب ۾ هي دور شاعري
۾ روايت پسندي جو دور سمجهيو وڃي ٿو. سنڌي ادب ۾
ترقي پسند تحريڪ يا ادب برائے زندگيءَ جو انداز ١٩٥٥ع
کان پوءِ شروع ٿيو ۽ غزل ۾ تہ اها تحريڪ بنهہ هاڻوڪي
زماني جي ڳالهہ آهي. غزل، شاعريءَ جي اها نازڪ ادا صنف
آهي، جنهن ۾ صرف حسن و عشق جي باهمي آويزش جو بيان ٿي
سونهي ٿو.

حسنِ يار جون ڳالهيون، زلف ۽ رخسار جون ڳالهيون.

هجرِ يار جا قصا ۽ وصلِ يار جا موضوع، درد جا
داستان ۽ غم و الم جا عنوان - الغرض تہ غزل جو موضوعِ
سخن آهي ئي فقط عشق ۽ وارداتِ عشق، پوءِ چاهي عشق
مجازي هجي يا عشق حقيقي ۽ ان ڪري ئي تصوف جا اسرار
بيان ڪرڻ پڻ غزل جو هڪ مرغوب موضوع آهي. رمزيت
۽ ايمائيت غزل جي جان آهن. پر سڀني جي هڪ شعر ۾ غزل
جي شاعر کي پنهنجي دل جي سموري واردات بيان ڪرڻي
پوي ٿي ۽ اها بہ ان زبان ۾ جيڪا غزل جي قبيلي سان
تعلق رکندي هجي. غزل جا موضوع بہ مخصوص آهن، تہ انهن
کي بيان ڪرڻ لاءِ زبان ۽ لفظ بہ مخصوص آهن. استعارا ۽
تشبيهون، اشارا ۽ علامتون سڀ مخصوص آهن. غزل جي عصبيت
ان ڳالهہ جي اجازت نٿي ڏي تہ ان ۾ نامانوس لفظ ۽ غير
متعلق موضوع داخل ڪيا وڃن، ان سان غزل جي شاعري جو
سمورو حسنِ بيان ضايع ٿي وڃي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو

فقط استاد شاعر ئي غزل جي شاعريءَ سان انصاف ڪري سگهن ٿا. زماني جون محروميون هجن يا معاشري جون ناهمواريون. حاڪمن جون نا انصافيون هجن يا عوام جون مجبوريون. مطلب تہ غمِ دوران جي هر مسئلي کي شاعر جڏهن غمِ جانان ۾ بدلائڻ جي قدرت رکندو هجي، تڏهن ئي هو هڪ حسين غزل جي تخليق ڪرڻ جي قابل ٿي سگهي ٿو. اختر صاحب کي قدرت شاعرانہ صلاحيت بدرجہ اتم عطا ڪئي هئي ۽ هن جو غزل صرف غم جانان جو اظهار ئي ڪونهي، پر درحقيقت ان ۾ ان دور جي سڀني محرومين، نا انصافين، معاشري جي ارڏائي ۽ اڏنگي چال، غريبن جي بيڪسي ۽ اميرن جي بيحسيءَ جو احوال علامتن ۽ استعارن جي زبان ۾ بخوبي بيان ڪيل آهي. حسن و عشق جا هي مرقع غزل، حقيقت ۾ پنهنجي دور جي مرصع تصوير پڻ آهن. هو گل و بلبل ۽ شمع پرواني جي علامتي پردي تي پنهنجي ماحول ۽ معاشري جي تضاد کي واضح ڪري ٿو. هن جي ڪلام ۾ ڪيترا اهڙا شعر آهن، جيڪي پنهنجي سر هڪ مڪمل نظم جي حيثيت رکن ٿا:

قفس جي قيد کان حاصل ٿي کهڙي آزادي،
چه ـ جو صحن تہ مليو آ، بال و پر نہ مليو.

—

هي آيو زمانو عجب آهہ "اختر"،
چنو لائي وهٽو پوي ٿو چپن کي.

—

وئي تقسيم ٿي مئي تنهنجي ويئي،
سوالي! پنهنجي همت تي حشر ڪر!

بوالهوس آيا شهيدِ عشق جي مدفن تي رات،
ويا محبت جي جنازي تان ڪفن چوري ڪري.

—

عزيزو رات ميخاني جي مهمانن سان ڏاڍي ٿي،
صنم خنجر کڻي بيٺو، ثناخوانن سان ڏاڍي ٿي.

—

سنڀالي پير رک "اختر" گلستان جي احاطي ۾،
گلن جي آرزو ۾ اڄ گريبانن سان ڏاڍي ٿي.

—

ڪجهه ته عملن جون شامتون آهن،
نه ته ڌڪا ڏيئي ڌار ڪير ڪري.

—

هڪڙو "اختر" ڇا پيا به نشي ۾ هئا،
نشي سان هوشيار ڪير ڪري.

—

باده و ساغر و مينا جون ڪهاڻيون ڪهڙيون،
بزمِ خلوت به ٿي زاهد کي گنهگار ڪري.

—

الله ٿي ڄاڻي ٿو هي ڪهڙو معمو آه،
اڄ تائين به عورت کي سمجهي نه سگهيو آهيان.

—

برهم به ٿو مٽي سان ٿئي، لالچ به ٿو مٽي جي ڏئي،
مولانا جي جنت کي سمجهي نه سگهيو آهيان.

هي چند اشعار صرف ان ڳالهه جو اشارو ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن ته اختر صاحب جهڙو بيباڪ شاعر، غزل چوندي به پنهنجي ماحول کان بيخبر نٿو رهي ۽ زماني جي ارڏاين

۽ ستم شعارين کي استعاري جي صورت ۾ آشڪار ڪندو رهي ٿو ۽ ان جي شاعرانه صلاحيت جو ان کان وڏيڪ ثبوت ڪهڙو ڏيندو ته زماني جي ارهه زورائين جو احوال اهڙي دلڪش انداز ۾ پيش ڪيو اٿس، جو غزل جو هر شعر دل پذير به آهي ته اثر پذير به آهي ۽ حقيقت حال جي هڪ زنده تصوير به آهي ۽ استاد شاعر "اختر" هالائي جي استادي به اهائي آهي ۽ شاعري به اهائي آهي ته شاعر جي دل زماني سان گڏ ڌڙڪي رهي آهي ۽ شاعر جي زبان زماني جي زبان بنجي اسان سڀني جي احساسن جي ترجمانِ بنجي رهي آهي.

گوهرِ مقصود هيو دريا جي وچ مان آٿو،
سست ڏسندا ٿي رهيا ڪجهه هن طرف ڪجهه هن طرف.

---

مات ڪر "اختر"، ڪچهه جو وقت ناهه،
هرڪو خوش آ شوڪتِ شاهانه تي.

---

اکيون ته عام طور ڏسڻ لئه مليون مگر،
دنيا ۾ ڪنهن کي ڪنهن کي ڏسڻ ٿو نصيب ٿئي.

---

انڪار ڪائنات ڪيو دردِ عشق کان،
"اختر" حزين تي بارِ هي سارو نمي پيو.

---

زمينِ زندگيءَ مان اچ اٿيو آ شور هيڪاندو،
فضا تي رقص ٿيو طاري الا! عرشن تي ڇا گذري.

---

هر صبح غم و افڪار نوان، هر شام ڏک ۽ آزار نوان،
تنهن جي ٿي محبت جا ٿو ڏسان روز روز هي دعويدار نوان.

آشنائي خزان گهڻن ئي ڪيو،
آشنائي بهار ڪير ڪري.

هر نظر کان حجاب کهڙو آهه،
دوستن سان حساب کهڙو آهه.

عبدالحميد شهيد ابن "اختر"
هالا ١٦-٣-١٩٩١ع

## ڪتبو

واڻ ويندڙ! پٽ اکيون، هيڏي نهار!
تاه بي معنيٰ ڪا هيءَ منهنجي مزار!

مان به زنده هوس تو وانگر ڪڏهن،
منهنجي محفل ۾ به هئا ڪئين دوست يار!

موت کان پوءِ هڪ به نيو همراه ڪونه،
آهي دنيا بي وفا، نا پائيدار!

مغفرت ٿي نيڪ عملن سان ٿئي،
ڪم نه ايندا، پل هجن ڪئين لک هزار!

ڪر هتان حاصل تون عبرت جو سبق،
قبر "اختر" تي پڙهي اچ قل به چار!

---

مزار "اختر" تي مٿيون ڪتبو ڪاشيءَ جي سر تي لکيل آهي.

# تسبیحِ محبت

## مناجات

يا رب! شعورِ زيست ۽ عقلِ سليم ڏي،
حق جي ادائگي ۾ دلِ مستقيم ڏي!

محتاج غير جو نہ ڪر، اي ربِ ڪائنات،
ڏي! ڏي! تون پنهنجي گنج مان رزق ڪريم ڏي!

بي عزتي جو مون کي ڪپي ڪونہ ڌن ۽ مال،
ايمان ۽ دين سان گڏ تون ڀلي زر ۽ سيم ڏي!

بيمار تو رهان مان هميشه حزين طبع،
يا رب! شفا طفيلِ رسولِ ڪريم ڏي!

---

جنهن کي گهرايو ڪبريا عرشِ عظيم تي،
اهڙو رسولِ پاڪ، بشر تي نہ تو سگهي.

## نعت

نازل فلڪ تان ارض مقدس تي نور ٿيو،
يعني حرم مان نورِ نبوتِ ظهور ٿيو.

هڪڙي نظر سان رنگ، جهالت جو دور ٿيو،
بس طالبانِ حق کي حاصل حضور ٿيو.

”اختر“ انهي تي آهي شفاعت رسول جي،
جنهن ڪئي يقين، دل سان اطاعت رسول جي.

## نعت

هر چيز پنهنجي پنهنجي جڳھ تي رکي ٿي شان،
هرڪو پٿر، ڪو لعل و گوهر ٿي نہ ٿو سگهي!

تارا تہ آسمان ۾ روشن گهڻئي آهن،
پر ڪو بہ تارو ڪيئن بہ قمر ٿي نہ ٿو سگهي!

پل تون ڪٿي هزارها روشن چراغ ڪر،
پر وقت شام وقتِ سحر ٿي نہ ٿو سگهي!

اکيون تہ عام طور ڏسڻ لئہ مليون مگر،
هر اهلِ چشم، اهلِ نظر ٿي نہ ٿو سگهي!

جنهن کي سڏايو ڪبريا، عرشِ عظيم تي،
اهڙو رسولِ پاڪ، بشر ٿي نہ ٿو سگهي.

## نعت

لفظن ۾ مشڪل آهہ چوڻ مصطفيٰ جو شان،
”ڪيئن ٿئي ادا زبان سان رسولِ خدا جو شان“.

هر جلوهٔ مدينہ ۾ نورِ هديٰ جو شان،
هر ذرهٔ حجاز ۾ ارض و سما جو شان.

پانيان وجي حرم جي گلن کي چٿميون ڏيان،
يا رب! تون مونکي ڪر عطا بادِ صبا جو شان.

چاسيرو زرسان گنبذِ خضرا جو شان ٿئي،
خاڪِ درِ نبي ٿي رکي ڪيميا جو شان.

اي ڪاش منھنجون ھي ۾ اکيون فرشِ راه ٿين .
ڪنھن جي گذر سان من ملي اهلِ ادا جو شان !

شاهد جهان ۾ آهي محمدﷺ جي حسن جو،
رنگِ حنا جو شان ۽ زلفِ دوتا جو شان .

"اختر" جي التجا ٿي رهي روز و شب اها،
شل ٿئي عطا اطاعتِ خيرالورا جو شان .

## غمِ حسين رض

نبي جي آل جو عزمِ سفر قضا ٿي پيو،
الاهي! راهِ محبت ۾ ڇا مان ڇا ٿي پيو!

زبان کان ڪھڙي طرح تشنه لب جو ذڪر ٿئي،
حشر جي ڏينھن کان اڳ ئي حشر بپا ٿي پيو .

ڪئي حسين (رض) ادا سنتِ ذبيح الله،
ڪه سوزِ عشق، غمِ عشق جي دوا ٿي پيو .

غمِ حسين (رض) ۾ اشڪن مٽايا جرم جا داغ،
ھي قطرهء قطره خون، لعلِ بي بها ٿي پيو،

ستارا بنجي فلڪ تي هميشه لئه "اختر"،
ازل کان عقدِ ثريا ذرا ذرا ٿي پيو!

# عظمتِ حسين رضہ

اعليٰ عظيم عرش کان عظمت حسين جي ؛
شاهد ڪلام پاڪ ۾ شوڪت حسين جي ۔

مومن جي لاءِ محشر، عقبيٰ ۾ ناز آهہ ،
ميدانِ ڪارزار ۾ همّت حسين جي ۔

آسريا مدينہ پاڪ مان آل و عيال سان ،
آئي قضا جو وار ٿي هجرت حسين جي ۔

صد آفرين وقتِ شهادت ادائے فرض ،
قائم قرار گاه ۾ قربت حسين جي ؛

سجدي ۾ سر وڍڻ جي لئہ آيو شمر پليد ،
دشمن تي طاري ٿي وئي دهشت حسين جي ۔

سر ڏيئي دشمنن کي بچايائين دينِ حقّ ،
ٿي امّتِ نبيءَ تي شفقت حسين جي ۔

قربان ڪربلا ۾ ڪيائين سڄو ڪٽنب ،
ڪهڙي نہ هئي خدا سان محبت حسين جي ؛

صبر و رضا سان وقتِ مصيبت نڀائجي ،
"اختر" آبار صدق سان سنّت حسين جي ۔

# نـــظـــم

# تعارف

حلقهٔ شعرا ۾ مون کي شاعري تي ناز آه،
منهنجي هن قلم ادب کي حرڪت اعجاز آه.

مطلع اهلِ سخن تي شمسِ گويا جي شفق،
منهنجي هن مَنهرِ تخيل جو اهو اعزاز آه.

عالمِ پر ڪيف ۾ آهيان شهنشاهِ خيال،
تختِ منظر، تاجِ مضمون، منهنجي لئہ ممتاز آه.

جو نہ سدرة منتهيٰ ۾ منهنجو سونهي آشيان،
طائرِ دل واسطي غم شهپرِ پرواز آه.

معرفت جو نور آهي منهنجي هستيءَ ۾ نهان،
منهنجي فطرت ۾ سمايل زندگيءَ جو راز آه.

منهنجي خود تصوير ۾ پوشيده آ تصوير يار،
"فالنظرو" فرمان هر تارِ نفس جو ساز آه.

فڪر جي مشعل جو آ بزمِ بلاغت ۾ شعاع،
جلوه و لمعاتِ "اختر" جو اجا آغاز آه.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# شاعر

جڏهن ٿيو لفظِ ”ڪُن“ سان گلستانِ رنگ و بُو پيدا،
طيورِ نغمه خوان جي لئه بهارِ آرزو پيدا.

گلن ۾ حسن پيدا ٿيو ڪشش پيدا ٿي بلبل ۾،
عيان ٿيو جذبهٔ عشق و محبت فرد ۽ ڪُل ۾.

شعاعِ شمعِ محفل ڪئي تڙپ پروانن ۾ پيدا،
چمڪ ٿي ابرِ گريان سان دُرِ يڪدانن ۾ پيدا.

رهن گوهر ٿا بيشڪ بادشاهن جي خزينن ۾،
دل حسّاس پيدا ڪئي خدا شاعر جي سيني ۾.

اهو شاعر، چمن ڪي ناز آ جنهن جي نگاهن تي،
اهو شاعر، وطن کي ناز آ جنهن جي ئي آهن تي.

اهو شاعر، ٿي قدرت کي تقاضا جنهن جي خلقڻ جي،
اهو شاعر، ٿي فطرت کي تمنّا جنهن جي تڙپڻ جي.

اهو شاعر، ڀرائي هر قضا و قدر جو مشتاق،
اهو شاعر، ادائي حسن ۾ ناموسِ هر عشّاق.

اها دل، جا سپاس وياس ۾ گنجينهٔ احساس،
اها دل، جنهن تان ڪوهِ نور جهڙا گهورجن الماس.

# هالا

هر طرح علم ۾ بي مثل تو هالا ڇڄي،
سنڌ ڇا، هند ڇا، دنيا ۾ به يڪتا ڇڄي!

گرچ اغيار ڪٿي رشڪ ڪان تسليم نه ڪن،
پيش منصف جي مگر علم جو دريا ڇڄي.

هنر و حڪمت ۾ تيو غيرتِ يونان بيشڪ،
باليقين بحرِ ادب، مرڪزِ شعرا ڇڄي.

باعثِ فيض تي مخدوم جي عالي درگاه،
نورِ يزدان ۾ منوّر سا سراپا ڇڄي.

مخزنِ گوهرِ اسرارِ تصوفِ اعليٰ،
چشمهءِ بزم سخن، مجمعِ علما ڇڄي.

شان شايان آ عجب شهر اسان جو "اختر"
قابليت ۾ پلي منظرِ دنيا ڇڄي.

عشق جي ادنيٰ اشاري آه سيکاريو ادب،
جذبهٔ دل موجبِ افڪار بالا تي پيو.

شاعري، موسيقي ۽ علم و ادب کي گڏ ڪري،
هڪڙي مرڪز تي ولي آيس ته "هالا" تي پيو.

## ترانو

مستيءَ ۾ جذهن ايندو جوشِ جنون اسان جو،
خوش بخت ٿيندو آخر حالِ زبون اسان جو.

ظلم و ستم تي غالب آه و فغان جو تاثير،
ساڙ يندو آسمان کي سوزِ درون اسان جو.

آهيون نظر ۾ نازڪ همت شڪن نه آهيون،
برپا ڪندو قيامت خود رنگِ خون اسان جو.

وڃاسون سڀ وڃائي دولت ادائے حق جي،
دربان درحقيقت آپ نيلگون اسان جو.

"اختر" کي ناهه پرواه دنيائے بي بقا جي،
ڪافي مدد ۾ هڪڙو الله تون اسان جو.

## سلام

اي عشق هاڻ تنهنجي سروڪار کي سلام،
اي حسن تنهنجي جلوهٔ جنسار کي سلام.

اي شوقِ وصل تنهنجي تمنا جو خاتمو،
اي ذوق ياس! لذتِ آزار کي سلام.

اي دردِ دل شگاف! پري کان ٿي الوداع،
اي دل! فراقِ يار جي افڪار کي سلام.

اي باغبان باغِ محبت جا، الفراق!
اي بلبلِ دهن! گلِ رخسار کي سلام.

اي لطفِ انتظار! اٿي موڪلاڻي هاڻ،
اي رشڪِ غم! رقابتِ اغيار کي سلام.

اي "اخترِ" اديب! نہ آ قدر قوم ۾،
اي شاعري! ڪتابتِ اشعار کي سلام.

# "ترانہ پاڪستان" (التجا)

الاهي غيرتِ فردوس ڪر گلزار پاڪستان،
ثمر آور هجن هر وقت اشجار پاڪستان.

وري پنهنجي محبّت جو وسائج مينهن اي مولا!
ڪري سرسبز صحرا، ابرِ گوهر بارِ پاڪستان.

وڃن سرعوب و مدفون ٿي مخالف ملڪ و ملّت جا،
رهي دنيا ۾ بالا تر شرف دربارِ پاڪستان.

اسيرانِ قفس جي لءِ، مريضانِ وطن جي لءِ،
يدِ بيضا، دمِ عيسيٰ فقط ديدارِ پاڪستان.

دعاگو دم بدم آهيون خدايا ڪر ڪراچيءَ کي،
تجارت گاهِ عالم، بهترين بازارِ پاڪستان.

رعايا سان رهن يا رب! رفاقت ۾ سڀئي رهبر،
هجي هر دم ڪرم فرما سدا سرڪارِ پاڪستان.

غلاميءَ کان ڪري آزاد "اختر" قائدِ اعظم،
وڃي آغوشِ رحمت ۾ پيو معمارِ پاڪستان.

## اليڪشن

اليڪشن جو زمانو آ، وري ليڊر اچي ويٺا،
نوان رهزن اچي ويٺا، نوان رهبر اچي ويٺا.

طنبيان مان توائي ٿي هليا ويا اسپ تازي سڀ،
ٻنارن جي ڪنُڙهين مان هينگون ڏيندا خر اچي ويٺا.

مٿي هٿا جن جا سَر، ڪنهن وٽ هان هلڪائي سمجهائون،
ڪمينن جي درن تي ووٽ لئه هرهر اچي ويٺا.

فريبِ حسن و حرفت جي گلي ۾ هار پاتائون،
محبت جي جنازي تي ڪئي نشتر اچي ويٺا.

ڪمي ڪانهي سياسي احمقن جي بزمِ دنيا ۾،
تماشو زور تي ويو جو ۾ بازيگر اچي ويٺا.

## ليڊر

اسان کي اڄ نه ڪنهن بيڪار ليڊر جي ضرورت آهه،
نه رهزن جي ضرورت آهه، نه رهبر جي ضرورت آهه.
اٿو! خنجر بڪف ٿي اڄ سرِ ميدان،
ضرورت آ ته هڪ مضبوط پادر جي ضرورت آهه.

●

وطن وڪيو وڃن ٿا ذاتي ملڪيت وڌائيندا،
وڏي ٻُڌي مان هڪڙي ڏينهن آخر ڏوڙ پائيندا،
جي رشوت جي روپين سان ٿا رَمي هرروز شب ڪيڏن،
آهي ڪهڙا هلي نُڪتا سياست جا نيائيندا.

●

سنيهو هـي سندم سـاري هـلـي گهر گهر ۾ پهچايو،
وڃي گـهـر ۾ پهچايو، مـڙهـي مـنـدر ۾ پهچايو!
اهي ديوانا ٿيا آهن، ويـو ٿـن عقل و مت کسجي.
چرين کـي چـاڙهـي گاڏيءَ ۾ گدوبندر ۾ پهچايو!

## تعميرِ ملّت

گهٽي محنت سان رشوت جا هي پيشه ور سدا ٿيندا،
وڏي مشڪل سان ٿي مينوشيِ جا خوگر سدا ٿيندا.

رڳو ڳالهين سان ٿيٽي قوم جي تعمير ڪانهي ڪا،
نصيحت سـان پـلا بـدچـال ۽ لوفر سـدا ٿيندا؟

پڇي ويندا اهـي بـزدل ڪري ميدان کي خالي،
جڏهن هـر طرف کان تلوارون ۽ خنجر سدا ٿيندا.

اهـا پهتي آئوَ برڪت محض تهذيبِ مغرب جي،
ڪـتّي نگراني سان ڪاليج جـا چوڪر سدا ٿيندا.

اهـي تهذيب نـو جـا جانور اخـلاق چـا ڄاڻن؟
لئين سان "ڊارون" جـي نسل جـا باندر سدا ٿيندا.

ترقي تي ڪڏهن پهچي نہ سگهنداسون اٿين "اختر"،
تڏهن پـرواز ٿيڻو آ جڏهن ٻـئـي پـَـرَ سدا ٿيندا.

## عرضِ حال

نہ وڄ منهنجي مدفن تي چاڙهي گلن کي،
لڳي آگ آ منهنجي گورو ڪفن کي!

سلي اڄ ٿي عزت رکو احمقن کي،
سلامي ٿئي ڪونہ ڪو اهلِ فن کي!

ڏٻايون وڃن ٿيون اسان جون زبانون،
۽ روڪيو وڃي ٿو اسان جي هٽن کي!

اسين اڄ بہ ناهيون غلامي کان آزاد،
جي آزادي آهي تہ چورن لٽڻ کي!

بنايوسون هالا کي غنچو ادب جو،
مگر غير ٽوڙي ٿو شاخِ چمن کي!

هي آيو زمانو عجب آهي ”اختر“،
ڇڻو لاهي وهٽو پوي ٿو چرڻ کي!

## سياستِ سنڌ

اٿي غافل نہ وقت آهي سمهڻ جو،
وٺي ڏس لطف گهٽين جي گهمڻ جو!

سياست سنڌ جي گهوڙن جو ميدان،
اچا چالو نظارو آ ڏڪڻ جو!

سراسر طاقتن ۾ آهه تڪرار،
رڳيسن ۾ رڳو جذبو رُسڻ جو!

ڇڏائيندين تون ڪنهن کي دردِ دل؟ آه!
نه آهي گوش ٻوڙن ۾ ٻُڌڻ جو!

سدا ره اي دلِ بيتاب خاموش،
زبان کي حڪم ناهي ڪو ڪُڇڻ جو!

وساري سڱوت کي وڃ هڻ هاڻ "اختر"،
رواج آيو وري ساڳيو سڙڻ جو!

## غريب و غني

اُمراء شراب و بزمِ جهنم جي تلاش ۾،
غربا رهن ملول تا فڪرِ معاش ۾.

سودائي عيش آهي اميرن کي صبح و شام،
آهن فقط غريب ئي سودائي آش ۾.

سرمائيدار عيش و مسرت ۾ مست و محو،
مفلس وهن مدام تا اُميد و ڪاش ۾.

کهڙو ڪندا سي غور غريبن جي حال تي،
گذري جنين جي شام ئي شطرنج و تاش ۾؟

بيجان قوم آهه اڄ جمجمه مثال،
دم ڦوڪ اي مسيح ڪو امت جي لاش ۾!

# موت و حيات

زندگيءَ تي ڪر نہ باور بيوقوف!
زندگي خود موت جو پيغام آهہ.

موت ئي آهي حيات ِ جاودان،
صبح ِ صادق شوڪت ِ هر شام آهہ.

آهہ بي ترتيب ساز ِ زندگي،
زندگيءَ جو هر نفس بي نام آهہ.

صورت ِ غم هُو بهو نقش ِ حيات،
هم رفيق ِ حزن خاص و عام آهہ.

حزن ۾ پوشيده آ حظ و سرور،
هر خوشي خطبۂ غم و آلام آهہ.

اهل ِ عالم ٿيا جراثيم جهان،
هڪ ٻئي جو هرڪو خون آ شام آهہ.

زندگيءَ جو راز پرواني کان سک ـ
جنهن کي آيو سوز ۾ آرام آهہ.

ٿيو نفي اثبات خود موت و حيات،
عشق جو آغاز ۽ انجام آهہ.

لا اِلٰہ پيوست اِلا اللّٰہ سان،
ڪفر تمهيد ِ سر ِ اسلام آهہ.

زندگيءَ ۾ بي سرو سامان ِ عشق،
اف! سڪون ِ قلب؟ سودا خام آهہ!

# نماز

زاهد نماز و نفل کي سمجهين ثواب تون،
افسوس آهين ان جي تقرّر کان بيخبر!

صدين کان سجده‌گاهہ ۾ تنهنجو سلام آهہ،
پر آهين پنهنجي بختِ سڪندر کان بيخبر.

توحيد جي رباب مان آوازِ شرڪ ڇو؟
اي شيخ آهين نغمهٔ حيدر کان بيخبر.

بيشڪ تون آهين بزمِ اطاعت ۾ باده نوش،
ليڪن تون لا الله جي ساغر کان بيخبر.

سومن کي تو نماز ۾ معراج ٿئي نصيب،
اي پرخلوص شانِ تصوّر کان بي خبر.

آهين اي بوالهوس تون برابر قطار ۾،
پر وحدت الوجود جي منظر کان بي خبر!

مدهوش آهين نشّهٔ تقليد ۾ مدام،
دراصل آهين منّتِ سرور کان بي خبر.

مسجد ۾ آهہ توکي امامت جو احترام،
آهين قيام گاههِ قلندر کان بي خبر!

پابند ڪر فصلّ الربّڪ تي پاڻ کي،
هرگز نہ رهہ اشارهِ والنصر کان بي خبر!

قدر و قضا نثار ٿي تنهنجي نياز تان،
تون پنهنجو پاڻ طالعِ ”اختر“ کان بي خبر.

گهرجي ٿو ذوقِ عشق حقيقت جي راهہ ۾،
محمود ۽ اياز برابر نگاهہ ۾.

# روزو

هوش رک اي عالم، حاضر جا حضرت هوشيار،
تنهنجي بک جي ناهه پرواه ربؐ کي اي روزه دار.

نفس جي هر ڪا طلب ٿوڪر سان پرزا پرزا ڪر،
باهه بک ڪانءِ جو روزي ۾ رکيو شرط مدار.

فلسفو روزي جو آهي دين ۽ ايمان جي پوک،
ڇڏ نه تنهن ۾ ڇوٽ تون شتر زبان کي بي مهار.

بک جي عسرت سان برابر پاڪ ٿيندو تنهنجو پيٽ،
قلب ڪٿيل کي تون موٽيا صاف ڪر آئينه دار.

تنهنجي رسمي روزي جي افطار لاءِ موجود آهه،
خاص دسترخوان تي عمدن طعامن جي قطار.

ڪوله ٿيو افسوس توکي قدر محتاج و يتيم،
پنهنجي بيتابيءَ جو بيشڪ آهه توکي انتظار.

هر قدم تي هر طرح سمجهي ادا ڪر رڪن دين،
آهه سمجهه کان سوا بيڪار ايمان و يقين.

## سئنيما

ڇا ڏسين ٿو اي ڇريا تون پرده سيمين تي،
آهين تون مستانو سئنيما جي هڪ هڪ سين تي.

آه تو کي اي سڄڻ هر شام سئنيما جو خبط،
تنهنجي طبعِ نوجوان کي راڳ ۽ ڳاني سان ربط.

تنهنجي ديدن ۾ ڦري ٿو "مِس ثريا" جو جمال،
تنهنجي فهم و فکر ۾ هيءَ قابلِ صنعت کمال.

بت پرستيءَ کي بنايو باعثِ تفريح تو!
دخترِ الحاد تي بيشڪ ڪئي تصحيح تو!

آهه! اي نوخيز آهين ڪيترو ڪوتاه بين،
هاءِ ٿي تو کي اچي هرچيز نظرن ۾ حسين؟

سايهٔ تصويرِ فاني کي ڏسي عاشق بڻئين،
نفسِ نادان جي چوڻ تي فاجر و فاسق بڻئين.

ڪول اکيون ڏس حقيقي حسن کي هر چيز ۾،
پنهنجي پنهان سينهٔ پرسوز جي ڻاڪيز ۾.

قلب جي پردي تي چالو نورِ يزدانيءَ جي فلم،
علم جي لائيٽ سان تکميل انساني جي فلم.

تي تجلّي ڏي هيئين تي حُسنِ عريان جي جهلڪ،
نورِ يزدان جي جهلڪ، تنويرِ ايمان جي جهلڪ.

هوءَ اٿئي تقليدِ شيطان هي اٿئي تجديدِ دين،
هوءَ اٿئي وهم و گمان ۽ هي اٿئي عين اليقين.

# استقبالِ آدم

## ( ١ )

تنهنجي تشريفِ تقدس آهه فخرِ ڪوهسار،
تنهنجي قدمن کي چمڻ لئه موجِ دريا بي قرار.

آهي سدرة المنتهي ۾ تنهنجو عالي آستان،
تنهنجي ٿي اقدام لئه خلدِ برين کي انتظار.

اشرف المخلوق تون، قربان توتان ڪائنات،
برقِ جدّوجهد تون، قدر و قضا توتان نثار.

آهي هر ذرّي ۾ تنهنجو ٿي سمايل نورِ عشق،
تنهنجي سيني ۾ رهي پنهان تو دُرِّ آبدار.

تنهنجي استقبال جي لئه با ادب عرشِ عظيم،
آ شبِ معراج تنهنجي شرڪتِ عزّو وقار.

آهي تنهنجي پيشقدميءَ لاءِ پيدا جبرئيل،
تنهنجي عظمت جي اڳيان شاهانِ عالم شرمسار.

ڇا سبب تنهنجي اکين ۾ اڄ نه آهي آب و تاب؟
ڇو ستايو آهه توکي گردشِ ليل و نهار؟

مضطرب تنهنجي ملامت کان زمين و آسمان،
تنهنجي بي حاليءَ کان ٿيو بيتاب بحرِ بي ڪنار.

هاءِ تنهنجي عزّت و عظمت جي قيمت ايتري؟
چند چانديءَ جي سڪن لئہ غير سان ايڏو پيار؟

تنهنجي لئہ امواجِ رحمت نوح جو طوفان آهہ،
آتشِ نمرود آهي تنهنجي لئہ باغ و بهار.

تون جوان آهين جگر ۾ جوش ايماني اٿئي؟
نسلِ مسلم مان تون آهين، پر مسلماني اٿئي؟

## خاڪِ حجاز

### (٢)

وصلِ جانان آهہ "اختر" لذّتِ ذوقِ حيات
ماڻ تون محبوب سان ڪا محفلِ نازو نياز.

ٿورڙي مدت ۾ تون محمود ٿي ويندين مگر،
بي خبر! بي دل نہ ٿيءُ سڪ رسمِ تهذيب اياز.

ديد ڪان بيديدو آهين پيا دوا خانا نہ گهول،
سرمئہ نورالبصر آ خوشترين خاڪِ حجاز.

ماڙين تان هيٺ ڪيرايا ڪئين ڪبرو غرور،
ڪر نہ زاهد ايترو تون زهد ۽ تقويٰ تي ناز.

آهہ خاطر خواهہ توکي خواهشِ حورانِ خلد؟
خود غرض! ڇا طمع سان وابستہ آ تنهنجي نماز؟

ياس و حسرت، اضطرابِ قلب و ارمان شرطِ عشق،
شمع و پروانيءَ کان سک اندازهء سوز و گداز.

آهه! تون آگاهه ناهين پنهنجي اصليت کان پاڻ،
علم و عرفان کان هميشه آهه توکي احتراز.

محفلِ اغيار ۾ آ شرڪ جي بربط جو شور،
نغمهٔ توحيد کان خاموش آهي تنهنجو ساز.

تون ٿو سمجهين مذهب و ملت جي پابندي فضول،
هاءِ! توکي حق ۽ باطل جو ڪونهي امتياز.

ڇا ٿيو تون جيڪڏهن ٿين ڪٿي پيريسٽر،
آهين فطرت جي سياست کان صفا محرومِ راز.

اير - اي آهين مگر ڪو علم ڪامل ڪر تلاش،
محو نظّاره ٿي حاصل ڪر سڪونِ قلب ڪاش!

# زاهد ۽ شيطان

زاهدِ شب خيز هڪ ڀيري چيو شيطان کي،
لطفِ حق کان لوڏيل بد بخت بي ايمان کي.

تنهنجي علم و عقل جو هو عرش تي مذڪور عام،
پر تڪبّر کان ٿئين لعنت جي قابل صبح و شام.

شان و شوڪت عزّ و عظمت سان ڏسي دربارِ حق،
تون ڪري افسوس و ڀئين امر کان انڪارِ حق.

پنهنجي بدحالي کان بلڪل تون تہ بدقسمت ٿئين،
امر جي انڪار باعث دور از رحمت ٿئين.

آهہ انسان آيو دنيا ۾ گهڙي گهارڻ جي لاءِ،
آهين چو ڀٽيان پيو ان جي اڇي ڪارڻ جي لاءِ.

ڇا نہ تون سمجهين تہ انسان اشرف المخلوق آهہ؟
ابنِ آدم خود خدائي پاڪ جو معشوق آهہ.

ڇا اڪيلو ڪاري سگهندين نيڪ رو انسان کي؟
موت تائين پاڻ سان ويندين وٺي ارمان کي.

شوخ تي شيطان زاهد کي ٻڌايو هن طرح،
خار مان ٿي خنده زن ڪليو ڪلايو هن طرح.

ٻڌڻ! ازل کان ئي وٺي آدم جو دشمن آهيان،
دائمي زنده ۽ ديده زيب، ٻڌر فن آهيان.

سان اڪيلو ناهيان مون سان هزارين هم عنان،
بحر و بر ڇا هر جڳهه هر ماڳ تي منهنجو مڪان.

خلوت و جلوت کي حائل هر طرح منهنجو سپاهه،
پر خطر ايتر ڪان آهي منهنجو افسونِ نگاه!

هر دماغ و دل تي منهنجو قبضهء قوت مدام،
هر خيال و فعل جي خود منهنجي هٿ ۾ ني زمام.

منهنجي ذڪر و فڪر ۾ اڄ خانقاهون خاص تر،
منبر و محراب تائين منهنجي جادوءَ جو اثر.

منهنجي منصوبن سان ميخانن ۾ هي اسڪاچ ڏس،
منهنجي هڪ ادني اشاري سان هي ننگا ناچ ڏس.

خونريزيون عام آهن منهنجي هڪ انداز سان،
محفلن ۾ شور و شر منهنجي سريلي ساز سان.

جيستائين آهه افرنگي نحوست جو نظام،
جيستائين آهه لاديني حڪومت جو نظام.

جيستائين آهه فاتح هي اميرن جو گروهه،
جيستائين ان تي محڪم عشرت و عورت جو موهه.

جيستائين هن جماعت ۾ رهي شهرت جو شوق،
جيستائين تن تي غالب شهوت و لذت جو ذوق.

مون کي رسمي زاهدِ شب خيز جي پرواهه ناهه،
صوفيانِ رقص و نغمه ريز جي پرواهه ناهه.

ناهه پرواهه مون کي خالي نعرهِ تڪبير جي،
ناهه پرواهه بي عمل علماء جي تحرير جي.

هان! مدامي ڏپ اٿم کنهن مرد مومن جو ذرا،
جنهن جو هر فعل آ تابعِ سنت خيرالوراء.

هن سان هر صحبت ٿيڻ جي مون ۾ کا طاقت نہ آهہ،
ڪيئن ٿيان هن سان مقابل جان ۾ جرأت نہ آهہ.

هن جي اکيان منهنجو هر جادو اثر ڪان بي اثر،
دائما معجزه نما جنهن جي نگاهہ چشم تر.

هو ۽ مان آهيون بهر صورت مثال گرگ و ميش،
منهنجي توبهہ منهنجي بابي جي بہ توبهہ هن جي پيش.

## شرافت ۽ فيشن (حرف و حڪايت)

فيشن کي چيو شوخ تني هڪ ڏينهن شرافت،
قومن جي تنزّل جو فقط آهين سبب تون.

تو ملڪ ۽ ملت جي متيا ناس ڪرائي،
نازل ٿو ڪرين خاص غريبن تي غضب تون.

ڇهڙن ۽ ڇگن کي تو هڪ صف ۾ سڏايو،
پردي ۾ ڪمينن جو ڪرين اصل و نسب تون.

تو ناس ڪئي عورت بي عقل جي عصمت،
هر قوم ۾ بس قاتل اخلاق و ادب تون.

هر صاحب دولت جي ڪرين خوب خوش آمد،
مفلس جي مگر شان ۾ لوفر جو لقب تون.

آ باده گلگون جو شرف توکي شب و روز،
محنت جي مقابل ٿو رهين عيش طلب تون.

تون آهين فقط حسن و جوانيءَ جو نظارو!
هر شام و سحر بزم کهيہ رقص و طرب تون.

مــان اصل ڪان آبــاد رهان بــزمِ جهان ۾،
آدم ڪان مليو مون کي لقب شــان و شرافت.

تاثيرِ وفــا آهــ ســنــدم رنــگِ حنا ۾،
صدين کــان سندم آهــ ٿــي مقبول امــامــت.

مــان محفلِ جانان ۾ رهــان شــمــعِ شبستان،
پُــرنــور ڪريان خانهٔ دل بَــهــرِ اطاعت.

نــکــهــت جــو اثــر منهنجي نسيمِ سَحَري ۾،
ســان گلشنِ ايــمــان کــي پهچايان تــراوت.

آ منهنجي ادا صــاحــبِ لــولاڪ جــي تقليد،
آ منهنجي نــگــاهــن ۾ اشــاراتِ ڪــرامــت.

ممڪن تہ ڪڏهن مان بہ ٿيان نذرِ حوادث،
اوّل ۾ غــم و درد ۽ آخــر ۾ عــنــايــت.

ٻــئــي لازم و مــلــزوم ٿــيــا بــاد ۽ باران،
هــر شــام جــي ظلمت ۾ نهان صبحِ سعادت.

تــہ بہ تنهنجا طلبــگــار زمــانِ ۾ زيــادهہ؟
گهٽبي ٿــي وڃــي روز سندم تــاب ۽ طاقت.

جوابِ فيشن:

بي خود ٿــي شرافت کي چيو شوڪتِ فيشن،
آهين تــہ حقيقت ۾ تون هــر گنج جو گوهر.

ليڪن هــي جهان اهــلِ زر و سيم جــو آهي،
عــزّت نــہ لهي عــالــمِ حاضر ۾ تــو بي زر.

تــون هاڻي مقيم آهين غريبن جــي مڪان ۾،
آهيان تــہ مــان هــر بــزم ۾ نيشانِ تونــگر.

حاصل:

جيتر هــي جهان آهہ اميرن جــي پس و پيش،
پَــڪَ جاڻ اهي تنهنجي قيادت جــا بد انديش!

## سگريٽ ۽ شمع

**سگريٽ:**

هڪ ڏينهن چيو شمع کي بيتاب ٿي سگريٽ،
فطرت ۾ سمايل ٿو رهي منهنجو رڳو سوز.
هر تشنهء الفت کي ڏيان بادهٔ تسڪين،
تون نور ۾ بينور فقط آهين شب افروز.
مدهوش ڪريان مان ٿو مٿي سوخت سان عالم،
تہ بہ منهنجي شڪايت لب هر شخص شب و روز.

---

**شمع:**

سگريٽ کي هن ريت چيو شمعِ فروزان،
ضندان ٿو ٿئي غنچهٔ دل بادِ صبا تي.
تون محفلِ امراء تي رکين رتبهٔ تشريف،
آهيان مان سچو نور مزارِ غرباء تي.

## لغڙ

کالهه هو ڪن ٻالڪن چت چاهه مان چاڙهيو لغڙ،
تازه رُو تي طائرِ بي جان ڪي بالائي بام.

حسنِ طفلان دلربا، نظارهٔ راحت نما،
واهه وا دلچسپ موسم واهه وا رنگين شام!

جوش جاڳيو آسمان کي آئي جنبش ۾ هوا،
ڪاروان بادبان جو تيو فضا ۾ تيز گام.

بي تڪلف چند منٽن ۾ وڃي ورتائين چوٽ،
ڏور جي آڌار سان ٿيو عرش تي اُن جو قيام.

ان جي اهڙي اوج کان بيتاب صدها سر بلند،
ھن جي رفعت کان ٿيون مجبور چشمانِ عوام!

اوچتو ڪاهيندو آيو واءُ واچوڙي مثال،
ڏور پئي اڌ مان ٽٽي ڪيو لغڙ سيني کي سلام.

ڦاسندو ۽ ڦاٿندو خود ڦڙڪندو ڦرندو هليو،
پنهنجي رخ پهتو سو برپٽ ۾ بحالِ ناتمام.

غور ڪر انسان آهي تنهنجي لاءِ هي هڪڙو مثال،
هاءِ فاني چيز جو "اختر" هميشه هڙو حال!

# آرٽ

اي سڪندر بخت پاڪستان جا چشم و چراغ،
عزت و عظمت جي دولت تنهنجو ڦيرايو دماغ.

تون جوان ٿيندو رهين هرحال حرص و آز ۾،
توکي ٿيو شرفِ صدارت آهه بزمِ ناز ۾.

تنهنجي مئخاني ۾ قائم محفلِ رقص و سرود!
تنهنجي صحبت ۾ تو سونهي صنفِ نازڪ جو وجود.

تنهنجي بزمِ شوق ۾ مشروط شب دن ڇوڪريون،
تنهنجي ڪسرت گاه ۾ هر وقت ڪمسن ڇوڪريون.

جن جي اکين جي اشارن تي ڪئي تو دل نثار،
توکي تڪميلِ هوس ۾ آهه ڪيڏو انتظار.

عيش ۽ عشرت جو متوالو رهين تو رات ڏينهن،
توتي غالب آهه اڪثر ناچ ۽ گاني جو نينهن.

ڇا تو ڇرڪين ڇوڪرين جي ڇم ڇمي ڇڻڪار تي؟
توکي حيراني هنن جي هار ۽ سينگار تي؟

جوش ۾ آيو تبسم جي ادائن تي جنون،
ناز نخرن تي قرائي ويئين املاڪِ سڪون.

تنهنجي دل ۾ دائما زنده رهي ذوقِ طلب،
تون مدامي تو رهين ميلاپ جي لئه مضطرب.

حُسن جون ديويون ڪئين تنهنجي ڪلب ۾ همنشين،
تنهنجي پهلو ۾ نزاڪت سان نچن ٿيون نازنين.

تون ٿئين حلقهٔ خواتين ۾ مشرّف بالعموم،
شمع وانگر جنهن جي چوڌاري پتنگن جو هجوم.

غير محرم جي تون نيڻن ۾ نهاري ٿو سگهين،
قوم جي اخلاق کي پو ڪيئن سڌاري ٿو سگهين؟

قوم جي اصلاح جي تو ۾ لياقت ڪانه آهه،
ملڪ و ملّت جي سنڀالڻ جي صداقت ڪانه آهه.

تون ٻڌڻ وارو ٻين کي سير مان تاريندين ڪيئن؟
شاهدِ تهذيب کي شوڪت سان سينگاريندين ڪيئن؟

## تون ۽ مان

تون جلوه گر رهين ٿو جهانِ حباب ۾،
مان همنظر رهان ٿو مڪانِ حجاب ۾.

تون بزمِ شور ۾ ٿو پئين جامِ انتشار،
توکي مزو اچي ٿو مٺي اضطراب ۾.

مان محفلِ سڪون ۾ پيان شربتِ سرور،
مون کي اچي ٿو لطف خموشي ۽ خواب ۾.

تون آهين انٿلي ۽ ٿرومن جو خواستگار،
منهنجي اميد پيڏِ عالي جناب ۾.

## الاٽمنٽ

حدودِ ملڪ مقرر ۾ پهتين ڪورِ نگاهه،
وڃائي ويٺين مهاجر تي جائدادِ فراغ.

هٿن ۾ غير جي افسوس! مثلِ بيگانو،
الاٽمنٽ ٿيو قومِ مسلمان جو دماغ.

رهي ٿو عقل و فهم تي فرنگ جو قبضو،
جلي جو خانهٔ تدبير ۾ عدو جو چراغ.

عجيب تر تو ڪئي ملڪِ ذهن جي تقسيم،
تون مشرقي تي هلائين ٿو مغربي تنظيم.

## قيامت

اهلِ شيطان جي ٻهر طرف حمايت نزديڪ،
اهلِ ايمان سان عدوّن جي عداوت نزديڪ.

شاهِ اسلام چيا آخرِ دنيا جا نشان،
ٿيندي تبديل شرارت سان شرافت نزديڪ.

غير جي هٿ ۾ وڃي رزق اسان جو رسيو،
زور ٿيندي اچي دجّال جي طاقت نزديڪ.

هي اميرن جو گروه آهه يقيناً ياجوج!
آئي سمجهو اثرِ غير جي آفت نزديڪ.

شمسِ تعليم جو ٿيو مطلعِ مغرب مان طلوع،
آهه! سحر خيز اٿي روزِ قيامت نزديڪ.

آهه ايئن جي ادا مَلَڪ اسرافيل جو،
زندگي ٿيڻي ختم آهه نهايت نزديڪ.

# نسخهٔ ڪيميا

وچائي ننگ ۽ ناموس کي سودائي مهوس ۾،
وڃي ويئين تون ساري عمر نوشادر جي گاري کي.
سنياسي واه نسخو ڪيميا جو صاف سيکاريو،
پچائي جهَنڊَ جي بوٽي ۾ بيشڪ دل جي پاري کي.
اٿي ڪر معدنِ طاعت مان حاصل گوهرِ ايمان،
وڃي تون ويهه الا الله جي "اختر" سهاري کي.

## سهرا

ستارن مان بنائي موڪليا، چرخِ ڪهن سهرا،
لڳايو پيئا آهن بزم ۾ رنگِ چمن سهرا.
ٻڌي محفل ۾ آيو آهي سهڻو سير تن سهرا،
معطر تي سڄي محفل بنيا رشڪِ چمن سهرا.
مبارڪ ڏيندي ڏيندي ئي ٿا ڇهري کي چمن سهرا،
عزيزو ڪيئن نه اڄ محبت مان گستاخي ٿا ڪن سهرا.
اهي هٿ پاڻ وارا ٿيا بنايا جن هٿن سهرا،
اهي هٿ پاڻ وارا ٿيا جي ورڏيئي ٻڌن سهرا.
هي موتين کان منور جلوه گاهِ انجمن سهرا،
"رخِ دلدار تي ڪهڙا نه سهڻا ٿا سونهن سهرا".
رهي ٿو ناز جن غنچن کي خود پنهنجي نزاڪت تي،
نيازيءَ سان نمي سي اڄ سلامي ٿا ڏين سهرا.
جمالِ رخ جي جلوت کان قمر کي داغ ٿي پيئو،
رقيبن جي نگاهن کان لڪايو ٿا وتن سهرا.
امين محمد جي شادي گويا گاديءَ جي ٿي آبادي،
هي آهي شان محبوبي، جو گهر گهر پيا چون سهرا.
مسرت موڪلي تقدير عالم آ مبارڪ طور،
عقيدت ۾ ڪيا اڄ پيش جيئن باغِ وطن سهرا.
اي "اختر" شاعري آسان ڪانهي سخت مشڪل آهه،
نپائيندو غزل جي رنگ ۾ ڪو اهلِ فن سهرا.

## جنت

ناصحا تنهن جي نصيحت جو اثر مون کي نہ ٿيو،
عشق ۾ پوريسن ڪيم نذر، شرم عقل و شعور،

بتِ ڪافر جي پرستش ڪيو ڪافر مون کي،
مون کي دوزخ ئي سهي توکي هجن حور و قصور.

منهنجي نيڻن ۾ تون ڏس جلوهٔ يار جو شان،
کهڙو مستن کي اچيا زاهدا! جنت جو ضرور.

## دولت

سدائين آهه سڄڻ جو سلام دولت سان،
ٿئي تو دوست مان ينجي غلام دولت سان.

غريبِ حال ٿياسين ۽ يار پرکياسين،
زمانو زنده رهي تو دوام دولت سان.

وڃي تو بنجي حقيقت جهانِ حاضر ۾،
امير وقت جو سودائے خام، دولت سان.

اگرچ آهه نہ دنيا ۾ دل کي چين، مگر،
رخِ حزين تو ٿئي خوش خرام دولت سان.

فراقِ يار جي فڪرات ۾ چيو هڪ دوست،
تو صبحِ غم کي ڪري سگهجي شام، دولت سان.

ملي تو بزمِ جهان ۾ مدام اي "اختر"،
شرابِ مهر و محبت جو جام دولت سان.

## دين و دنيا

ڪيئن ڪندين آباد اي بي سمجهه ڪڏ دنيا سان دين؟
روح جو روز ازل کان نفس نادان سان نزاع.
نفس آ ترغيب دنيا، روح آ تڪميل دين،
آب ۽ آتش جو هرگز ڪين ٿيندو اجتماع.
اهل دين جي سمجهه ۾ اج آهه تاريڪيءَ جو دور،
اهل دنيا جي نظر ۾ شمس انور جو شعاع.
تنهن جي تعميلات ۾ اخلاص تقليد فرنگ،
منهن جي تعبيرات ۾ خيرالامر جي اتّباع.
عيش و عشرت، حظّ و لذت، ڇهڇٽو سڀ چار ڏينهن،
ڪر نياڳي نفس کان، اي بوالهوس تون الوداع.
رقص ۾ جو راڳ آئي روز شب رندن جو روح،
مست ٿي "اختر" مچائي ويهه سا بزم سماع.

## دولت تسليم

هر حال ۾ مدهوش ٿي هر رنج و بلا سان،
حاصل نه ٿئي حظّ سڪون حرص و هوا سان.
ڪيئن شوق هوس ۾ تو رکين ذوق جي اميد،
شامل ڪو شهيدن ۾ ٿيو رنگ حنا سان.
ميدان ۾ غيرن جا قرن اڄ ٿا ارڙ نانگ،
نابود ٿئي سحر تو عفّت جي عصا سان.
ڪر دولت تسليم سان عقبيٰ جي تجارت،
سامان سعادت تو ملي نقد رضا سان.
هان! ڪشتهء سيماب سان قارون جي دولت،
تو سونُ مس دل ٿئي اڪسير ادا سان.
تصوير فنا باعث تعبير بقا آهه،
فرصت ۾ فنا پاڻ کي ڪر فڪر فنا سان.
ڪر حجرهء خلوت کي ٻپيا اي دل "اختر"،
ڪي روح رهائيون ته ڪجن غار حرا سان.

# ڊائري

عصائي عشق سان سڀ اژدهائي غير ٿيا نابود،
اڙي فرعونِ حرفت تو هلائين ساحري ڪهڙي؟

فلاح و فيضيابي آهه حاصل حسنِ باطن مان،
ڪرين ٿو زندگيءَ ۾ زيب و زينت ظاهري ڪهڙي؟

نگاهِ شمس اسبابِ هلاڪت جانِ شبنم آهه،
عدّون جي اشارن تي خوش آمد خاطري ڪهڙي؟

چمن ۾ نازبو جو ناز آهي تخم ريزيءَ سان،
بنا پوکڻ جي تون لڻندين ٻنيءَ مان ٻاجهري ڪهڙي؟

ڪتابت تنهن جي قائم آ ڪراماً ڪاتبين واري،
لکين ٿو سرگذشتِ سال و مه جي ڊائري ڪهڙي؟

سڏائين پاڻ کي "اختر" تون اهلِ شعر ڇا ٿي پيو؟
جگر ۾ جا نه ٻاري باهه، سا ٿي شاعري ڪهڙي؟

ڏسو يورپ جو بازيگر، ڪمالِ فن جو مالڪ آ،
بنا رسّيءَ جي باندر کي نچائي ٿو اشارن سان.

---

ڏسو ڏسو ته وڃن پيا نگارخانه ڏانهن،
صنم جي زلفِ گره گير جا هزارين اسير،

غلط ٿي شيخ چيو، قوم آ ضمير فروش،
ڪٿان وڪامي سگهي بي ضمير جو تو ضمير؟

# تهذيبِ فرنگ

اي بت پرست تون ڪندين ڪهڙي تلاشِ يار،
توکي تميز ناهہ سفيد و سياهہ جي.
پيڪرِ ش آهين حق جي قلم ڪان تون فيلسوف،
ديدن ۾ تنهن جي تي ڦري صورت گناهہ جي.
مغرب جي روشنيءَ ۾ تون پلجي جوان ٿئين،
تنوير توکي ڇا ڪندي مشرق جي ماہ جي.
تون حسنِ ظاهريءَ تي پريشان ٿو رهين،
توکي خبر نہ عشق جي پوشيده راهہ جي.
آهين تون سر برهنہ اديبن سان عام ۾،
عظمت نہ تنهن جي عين ۾ تاجِ ڪُلاهہ جي.
افسوس ڪيترو ٿو پڇين بزمِ نور ڪان،
اڪين ڪي آس تي رهي جنهن جلوه گاہ جي.
"اختر" ادائے حسن تان قربان جان ڪر،
همت سان هن زمين کي خود آسمان ڪر.

## سرمائيداري

هر ڏڻ مان ڏڪي ڪڍيو نئين دوُر ڏنارن کي،
ٻڪرين جي نگهباني بگهڙن جي حوالي ۾.
سچ سير سان لاڳو تي اڄ ڪوڙ جي لالائي،
ميناج مزي وارو مرچن جي مشالي ۾.
اي پير مغان تنهنجو معلوم ٿيو مذهب!
طاغوت جي طاعت آ، اسلام جي نالي ۾.
آرام طلب آهين اي راهہ نورد! افسوس،
فطرت جي فياضي آ، ڪوشش ۽ ڪشالي ۾.
نڪري آ وئي "اختر" سا لذتِ مدهوشي،
مئخانہ ٿيا خالي، گردش نہ پيالي ۾.

# شڪايت حال

بي نور هميشه ٿي رهي بزمِ غريبان،
صدين کان ڏسو بختِ سڪندر جي سياهي.

چاڪيءَ ڪي عوض چور جي جهٽ پٽ ۾ جهليائون،
بيڪار هجي شاهه ته بيزار سپاهي.

جي ڏينهن کي چئي رات ڪٿي ملڪ جو والي،
تائيد ۾ سڀ ڏيندا عملدار گواهي.

ڪعبي ۽ ڪليسا ۾ رکن فرق نه ڪوئي،
محبوبِ وطن مجلسِ اقوام جا راهي.

انگلنڊ مان آندائون وڃي قوم جي خاطر،
يورپ جو تمدّن ۽ رسوماتِ تباهي.

سمجهن ٿا سچو قرأتِ قرآن کي ليڪن،
آ لائقِ ترميم هي قانونِ الاهي.

پي مهل اچا ٿهندو اسان لاءِ ڪو دستور،
هوندو نه جڏهن قوم مسلمان جو واهي.

بيهوش ٿيا بزم ۾ مستان مئي و جام،
اي پيرِ مغان ڪول تون پوشيده نگاهي.

آزاد اسين ملڪ به آزاد اسان جو،
هر شخص جي دل ۾ ٿي رهي شوڪتِ شاهي.

آيو آ زمانو هي وري اوج جو ”اختر“،
پرواز ڪندو عرش تي هر مور ۽ ماهي.

# آزادي

جهالت آهہ رسم و راهہ سان تعبيرِ آزادي،
شقاوت آهہ شمعِ غير سان تنويرِ آزادي.

بنا ڪر اي جوان خوش خلق سان تعميرِ آزادي،
متائج سان نہ مٽبي هيءَ ڪذهن تصويرِ آزادي.

حرم جي حجرهٔ سنّت مان آيو باده خاني ۾،
مريدانِ مراسم سان اسان جو پيرِ آزادي.

اذان آئي سويرو سجده گاهِ اهلِ دولت ۾،
نمازِ عيش لئہ آهي لڳي تڪبيرِ آزادي.

روا ظلم و ستم غارتگري هر زور آور کي،
نمايان آهہ هر اخبار ۾ تفسيرِ آزادي.

اڳيان سرمايہ دارن جي سرِ تسليم خم آهي،
هلي ٿي حلق تي مسڪين جي شمشيرِ آزادي.

پتيون سونيون محل سونا ٿيا سيمابِ رشوت سان،
سنياسي واهہ سيکاري ويو اڪسيرِ آزادي.

بهادر ٿي پڳو سون نيٺ "اختر" قيدِ ملّت کي،
جمع سان مادرِ مغرب پياريو شيرِ آزادي.

# خدا خير ڪري

آيا سرِ ميدان خدا خير ڪري،
غارت گرِ ايمان خدا خير ڪري!
قابل ٿيا آدابِ خط و خال سکي،
مغرب جا ٿـي مهمان خدا خير ڪري!
يورپ جي يهودين ڪان ويا گوءِ ڪٿي،
مشرق جا مسلمان خدا خير ڪري!
محفل ۾ ولي آيا تمدن جا تجار،
عورت ڪري عُريان خدا خير ڪري!
هڪ ناز ۽ انداز سان مژگان جا تير،
پيو زلفِ پريشان خدا خير ڪري!
هڪ عام ۾ عشاق اڳيان رقص ۽ راڳ،
پيو ساز ۽ سامان خدا خير ڪري!
پاڳل نہ بنائي هي مونکي حُسنِ بتان،
ٿيو چاڪِ گريبان خدا خير ڪري!
اهڙو تہ اهو مرض نياڳو آهي،
دارون نڪو درمان خدا خير ڪري!
مشڪل سان تہ واپس مون ورائي آخر،
هي دل بصد ارمان خدا خير ڪري!
هن دورِ ترقيءَ جو هي ادنيٰ تاثير،
انسان مان حيوان خدا خير ڪري!
تون ملڪ جي ماحول ڪان ”اختر“ ٿي پري،
پڙهہ قراتِ قرآن خدا خير ڪري!

## پوليس

ظلم و ستم پوليس جو ظاهر ظهور آهہ،
پکرين جو پاسبان بگھڙ بي شعور آهہ.
چوري بہ ياگين جي ۽ ڪنجن بہ ياگيا!
قاتم ڪٿي جهان ۾ اهڙو ڪلور آهہ؟
آهي ڪو اهلِ فهم جو سمجهائي صاف صاف،
ظاهر ترين پوليس جو ڪهڙو ضرور آهہ؟
افسوس آهہ اهڙي حڪومت جي حال تي!
جنهن جو ڏيان درد جي دانهن کان دور آهہ.
آفيسرانِ اعليٰ اگر بي نگاهہ تيا!
غفلت جي ڪاروبار ۾ ڪنهن جو قصور آهہ؟
آهي غريب زار جي فرياد جو نہ داد،
سرڪاري دفترن ۾ سراسر غرور آهہ!
جمهوري راڄ جي پٺي مٽي پليد ٿي،
بس! آپيشاهي حڪم ۽ حاضر حضور آهہ!
قهر و جفا ۾ صورتِ چنگيز آ پوليس،
يعني بجائے امن شر انگيز آ پوليس.

## قائدِ اعظم ۽ پاڪستان

جهادِ عشق ۾ پوشيده ضرب الا الله،
جدا جدا ٿي ويو مرڪزِ سفيد و سياه.
جمالِ يار جي جلوه سان ٿي جميل اي دل،
جهان حسن ۾ روشن مثالِ مهر و ماه.
نہ هفتہ شوڪتِ ايمان ۾ جذبۂ تاثير،
دمِ مسيح کان ڪمتر نہ مومنن جي نگاه.
نماز روزه و تسبيح نيڪ فال مگر،
نشانِ اهلِ دل و دين ترڪ رسم و راه.
چمن جي غنچي کي خزان ٿي ڪيو نسيمِ بهار،
رهين ٿو هاڻ چو "اختر" ملول خواهمخواه.

# ترغيبِ عمل

اي دل تون پاڪباز ٿي ڪر پاڻ پائمال،
بيسود بحث ڪر نہ، ٿي هر هڪ سان همخيال.

پوشيده آهہ ناز رسومِ نياز ۾،
قربِ قديم کي تو ڪري قتل قيل و قال.

دربان آستانهٔ تسليم ٿي گذار،
تون خير خواهِ خصم ٿي ڪر شير کي شغال.

عيبن کي ڇڏ تون عام جي خوبي ڏي ڪر نگاه،
ساراه سڀ جي سيرت اخلاص نيڪ فال.

مشڪل سان هر مقام تي مقبول عام ٿي،
رهہ خاص طور همدم و غمخوار خستہ حال.

بطنِ صدف ۾ آهہ نهان دُرِ آبدار،
ڪمتر نہ ڪنهن کي ڄاڻ تون اي صاحبِ ڪمال.

تون خنده رُو ٿي خُلق سان خلقت کي پيش آءُ،
چشمن ۾ تنهن جي چمڪي سدا جلوه جلال.

هر حال آهہ حلم و حيا حلِ مشڪلات.
آهي ڪليدِ صبر و رضا مقصدِ محال.

تون ڪنهن جو قدر ڪر تہ پيا تنهنجو قدر ڪن،
خاطر ۾ آڻ خادم و مخدوم جو مثال.

لا طمع ٿي تہ لوڪ ۾ تنهنجو وقار ٿئي،
"اختر" نہ ٿي تون غير جو منّت پذير مال.

## ڪوشش

مستقل ٿي رهه جهان ۾ نوجوان،
ڪاميابي نام استقلال جو.

آهه جد و جهد تعميلِ حيات،
سعيءُ پيهم طرز نيڪ و فال جو.

اڄ ۾ مضمر آ سڀاڻي جو سوال،
آهه مستقبل معاون حال جو.

پنهنجي پيرن ڪي وڍي ويٺين تون پاڻ،
ڏس نتيجو شامتِ اعمال جو.

بلبلِ بي پر قفس ۾ قيد آهه،
پُر خطر پرواز ٿيو بي بال جو.

سمجهه وارا ويا لڏي سنسار مان،
قدر ڪونهي گوهرِ اقوال جو.

## ادائي عشق

ربابِ سوز جون تارون نه ڇيڙ اي مطرب،
فغانِ درد سوا نڪرندو نه ساز و سرود.

نماز و نفل جي بادِ نسيم بي تاثير،
خزان رسيده هميشه هي گلستانِ درود.

شعاعِ حسن سان پر نور ڪر شبِ تاريڪ،
وساڻو بزم جهان مان چراغِ عاد و ثمود.

ادائي عشق ۾ مرموز امتحانِ عشق،
غمِ اياز تان قربان مسرّتِ محمود.

## سلامتي ڪائونسل

ڪيو دنيا ڪي دولتمند ايجاداتِ امريڪا،
دلِ مايوس مان اڄ درد و ارمان موڪلائي ويو.

فرنگن جي فقيهانہ تمدّن جا ٿيا طابع،
سلام و امن جي لالچ تي ايمان موڪلائي ويو.

ڪليو يورپ ۾ آهي مڪتبِ تعليم قرآني،
اسان جي مدرسن مان علم و عرفان موڪلائي ويو.

مرّوت، مهرباني خون ٿي وئي سرِ ميدان،
حياءُ شرم جو اکين مان مهمان موڪلائي ويو.

اچل ساغر ڪي اي ساقي ختم ڪر بزمِ رندانہ،
شرابِ عشق جو شوقين جانان موڪلائي ويو.

## تقرير

اي شيخ نہ ڪر امر و نهي حڪم خداوند،
هن وقت فضول آهہ اها عام ۾ تقرير.

ڪڏ آهہ جماعت ٿي ڪليسا جي حرم ۾،
بيسود ٿي مسجد جي در و بام ۾ تقرير.

ملّت جو اگر درد اٿئي قلبِ جوان ۾،
اٿ ڪر ڪا هلي مجلسِ اقوام ۾ تقرير.

اسلام جي مستن کي ڪندي مست ۽ مخمور،
اي پيرِ مغان! بزمِ مئي و جام ۾ تقرير.

# گرفتارِ دنيا

دور آهين گهٽو منزلِ مطلوب کان غافل،
توفيق طلب جي نہ اٿئي جسم ۽ جان ۾.

تون هاءِ شب و روز ٿو غفلت ۾ رهين غرق،
پيري جو اثر آهہ سنڌءِ قلبِ جوان ۾.

بي علم تون آزاديِ تعميل و يقين کان،
قيدي ٿي رهين ٿو قفسِ وهم و گمان ۾.

بالا ٿا رهن عرشِ معليٰ کان خدا لوڪ،
افسوس تون کم آهين فرو مايہ جهان ۾.

## تقدير

تنهن جي قسمت نہ آسمانن ۾،
پاڻ آهين نوشتہءِ تقدير.

اهلِ دل وٽ جهان مثلِ خواب،
جدوجهد آهہ خواب جو تعبير!

مضطرب ٿي نہ فکرِ ماضي ۾،
پنهن جي دنيا کي کر وري تعمير!

حلقہءِ غير ۾ غلاميءَ جو،
تنهن جي گردن ۾ اڄ نہ آ زنجير!

زورِ بازو سان شهرهٔ آفاق،
فتحِ عالم تجلّيءِ شمشير!

تون سچو آهين گوهرِ ناياب،
تنهن جي پيرن جي خاڪ خود اڪسير

طاعتِ حق ۾ رهہ سدا حاضر،
کر نہ "اختر" اطاعتِ بي پير!

## فقير و امير

آهيان تہ مان فقير جهانِ حيات ۾،
تون عالمِ فنا ۾ زر و سيم جو امير!

فقر و غنا ۾ آهہ فقط فرق ايترو،
تون بندهٔ هَوَس ۽ هَوَس بندهٔ فقير!

جنهن فقر ۾ خوديءَ جي تجلّي جو تاب آهہ،
سو في الحقيقت آهہ شهنشاهِ باج گير!

۽ جنهن غنا ۾ آهہ غرورِ جلال و رعب،
دنيا اڳي معرفت جي مقامات ۾ حقير!

## تنقيد و اصلاح

ڪيو ديوانو توکي حسنِ دنيا؟
ذرا پنهنجي نزاڪت تي نظر ڪر!

بنايو رات کي تو ڏينهن ڇا تيو؟
شبِ ظلماتِ غفلت جي سحر ڪر!

گهمين غيرن جون ڇا تو بزم گاهون؟
تون پنهنجي قدر و قسمت جو سفر ڪر!

وٺي تقسيم تي هٿي تنهنجي ويٺي،
موالي! پنهنجي همّت تي حشر ڪر!

ڏچين تو موت جي غوغا کان "اختر"؟
فغانِ دردمندان کان حذر ڪر!

تون آهين اشرف المخلوق انسان،
اٿي ڪر پاڻ هر مشڪل کي آسان.

## نوائے طرب

حيات و زيست جي سرحد جا حاڪمِ مختار،
ستم سان صوبهٔ دل کي زبونِ حال نہ ڪر.

تون آهين ملڪِ ترقيءَ جو بادشاه! مگر،
جنوب و شرق کي اڄ مغرب و شمال نہ ڪر!

رهين ٿو غرق شب و روز فڪرِ ملڪيت ۾.
سنڀال دولتِ ايمان خيالِ مال نہ ڪر.

چمن ۾ آئي نسيمِ بهار اي گلچين،
خفا ٿي غنچهٔ گلِ سرخ پائمال نہ ڪر.

سرائے دهر ۾ مهمان آهين اي "اختر"،
سدائين ان ۾ سڪونت جو ڪو خيال نہ ڪر!

## تصوّف

لاهوت ڪان آيو آ، اڄ قافلهٔ قاصد،
ڪجهہ غور طلب ان جو پيغام نظر آيو.

ڪثرت ۾ نهان وحدت، وحدت ۾ عيان ڪثرت،
آغاز جي پردي ۾ انجام نظر آيو.

تعميل جي نشي ۾ مينوش ٿيا مدهوش،
مئخانهٔ وحدت ۾ هرُ جام نظر آيو.

وحدت ۾ ٿيا واصلّ، تعميل تصوّر سان،
بتخانهء باطل ۾، اسلام نظر آيو.

عادت ٿي وئي "اختر" غمهائے مسلسل جي،
آلام محبت ۾ آرام نظر آيو.

# ترقي

چا ٿيو جي آئي دنيا ۾ ترقيءَ جي بهار،
گلشنِ اخلاق ۾ بادِ خزان سا ڳي طرح.

چا ٿيو جي ٿيا جهانِ سيم و زر ۾ سرفراز،
دولتِ اخلاص کان بي خانمان سا ڳي طرح.

چا ٿيو جي تو کي حاصل ٿيو هوا تي اقتدار،
قوم جو هلندو رهي ٿو ڪاروان سا ڳي طرح.

چا ٿيو جي تنهنجي محفل جي رهي روشن ٿي رات،
نورِ حق کان بي اثر بزمِ جهان سا ڳي طرح.

واءِ حسرت! آهه "تعليمِ يقين" جي باوجود،
تنهنجو نصب العين "تقديرِ گمان" سا ڳي طرح.

غور ڪونهي ڪو غريبن جي غمِ جا نڪاه جو،
آهه زردارن جي سر تي سائبان سا ڳي طرح.

# حسنِ عريان

آيو محفل ۾ صنم سونهن سان سينگار ڪري،
دل ويو زلفِ گره گير گرفتار ڪري.

جنبشِ ابروئي خدا جو ناهي ڪو مثال،
زخمِ دل اهڙي طرح تير نہ تلوار ڪري.

هاءِ مئخانۂ يورپ مان يگانہ ساقي،
هڪ ئي ساغر سان ويو بزم کي سرشار ڪري.

اهڙو بدمست ڪيو بادهٔ مغرب جي خمار،
رقص ٿي عفت و عصمت سر بازار ڪري.

حسنِ عريان جي جهلڪ عام تجلّيءِ پيئي ڏي،
اهلِ دولت کو پلي شوق سان ديدار ڪري.

آهہ ارزان ٿي وئي جا بجا جنسِ لطيف،
اهلِ دولت کو اچي شوق سان واپار ڪري.

نازنينن جي نمائش ۾ نمائش توبہ!
چشمِ نرگس ٿي دلِ زار سان تڪرار ڪري.

باده و ساغر و مينا جون کهائيون کهڙيون،
بزمِ خلوت بہ ٿي زاهد کي گنهگار ڪري.

واه تعليم و ادب! واه خيالاتِ عروج،
بي حيائي ٿي سڌي ننڊ مان بيدار ڪري.

ابتدا آهہ اها دورِ ترقيءَ جي اجا،
کهڙو غم "اختر" بي يارو مددگار ڪري.

## مــاءُ

مدفون دلِ مــادر ۾ مــحــبــت جو خزانو،
شوڪت جــو خزانو ۽ شــفــقــت جو خزانو.

پيرن جي تريءَ هيٺ رهــي ماءُ جي محفوظ،
اولاد جــي لاءِ شــرف و سعادت جــو خزانو.

ننڊ ۾ ڪــان وٺــي نــاز نزاڪت ســان نپائي،
جا خرچ ڪري رات جــي راحت جو خزانو.

وٺ نقدِ رضــا مــاءُ جــي محبوب هٿن مان،
ڪُنجي نــہ سگهي خير ۽ برڪت جو خزانو.

”اختر“ ٿي چيو مون ڪــي امان وقتِ مبارڪ،
فردوس اٿئي مــاءُ جــي خدمت جــو خزانو.

## قطعہ تاريخ تذڪرہ شعراء هالا

اسان جو اڄ وطن ٿي ويو دوبالا،
طبع ٿيو "تذڪرہ شعراءِ هالا."

۱۹۴۴ع

اسان جو شهر ٿيو دارالبلاغت،
چڙهيا غيرن جي دروازن تي تالا.

خصوصاً سنڌ ۾ سرمايہ ناز،
محافظ ٿيو سنڌ جو باري تعالیٰ.

گلستان بلاغت آهي جنهن ۾،
شگفتہ شهر جا سُنبل ۽ لالا.

ڪمال شاعري هيئي جن جي شايان،
نوشتہ ٿيا انهن هستين جا نالا.

حسودن جي هيئين تي آهہ خنجر،
شرين جي شڪم تي تيز ڀالا.

رهي شل صاحب تصنيف شادان،
جمع ڪيو جنهن ڪدي ڪيڏا ڪشالا.

در شعرا جو خادم خاص اختر،
الاهي لطف جي تنهن تي نظر ڪر.

# قـطـعـات

## لمحات اختر

چڙهيو طرفن کسان طوفان شر انگيز،
سياه ٿي ويو صفا نجتِ سڪندر،
نهان ٿيو نور آ شمس و قمر جو،
عيان ٿيا عرش تان لمحاتِ اختر.

## سنڌ جو اقبال

ذوالجلال پاڪ جي خلقت ۾ خوشتر حال تون،
پنهنجي قسمت کي نه پاڻهي پاڻ ڪر پامال تون.

عام ۾ افسوس ڪونهي تنهن جي اقوالن جو قدر،
در حقيقت آهين اختر سنڌ جو اقبال تون.

## دنيا

اٿئي گلشنِ عالم فقط نظر جو فريب،
گلِ بهار ۾ پوشيده صورتِ صياد.

قدم قدم تي نظر ڪر اي بلبلِ لاهوت،
ازل کان مرغ سحر سان خصوصيتِ صياد.

## محبت دنيا

عزم گلچيني نه ڪر گلچين خوف خار آهه،
واس وٺ گلدستهء فطرت مان شاخِ گل کان دور.

خود جهنم کي جلائي تو جهانِ اضطراب،
محفلِ تسڪين بپا ڪر، بزم شرر و غل کان دور.

## فيلسوف

آهين گرداب ِ هوس ۾ تون سراپا غرق ِ فڪر،
پاڻ کي سمجهين ٿو فن ڪار اعليٰ فيلسوف.
جڏهن پهرين لاءِ روشن آهه بزم ِ زندگي،
پنهن جي هستيءَ تي تون هيڏو ڪر نه بانور بيوقوف.

## عورت

عورت ڏسي مڙي ٿا وڃن نوجوان ڪيئن،
پروانه جيئن اچي ٿا ٿين گڏ چراغ تي.
دوش ِ صبا تي ٿي ٿئي جيئن بوءِ گل سوار،
عورت سوار ٿي رهي قلب و دماغ تي.

## ماحول

ڇا حسن ِ حشر خيز ۽ ڇا رقص ِ فسون ساز،
دلڪش ٿئي معلوم ٿي هر صورت ِ ماحول.
محفوظ رهي ڪيئن ٿو سگهي اهڙي فضا ۾،
ايمان و حيا غيرت ِ دين عصمت ِ ماحول.

## سڪون قلب

هوس جي قيد ۾ آهين، تونگر ٿئين ته ڇا ٿي پيو،
قناعت پيشه ٿيا فڪرات صبح و شام کان فارغ.
حصول ِ منزل ِ تسڪين و اطمينان لئه اختر،
دل ِ بيتاب کي ڪر تون غم ِ ايام کان فارغ.

## عيد قرباني

ڏڄن ڏورن کهڻ مان ڇا بڻا مفهوم مطلب جي،
فقط صدين کان هلندي ٿي اچي رسم ِ مسلماني.
اٿي اي جوان قربان ڪرڻو نفس جو ڳابو،
ڪٿي اڄ عرش تان پيغام آئي عيد قرباني.

## جلوه گاهه

سرخم سدا تو سندم رهي هن جلوه گاه مجاز ۾،
جو مزو پرستش ِ بت ۾ آ سو مزو ڪٿي آ نماز ۾.

دم ِ وصل خوب تر اثر شب ِ انتظار جو لطف،
نہ ٻڌم روايت سوز ۾ نہ پڙهيم حديث گداز ۾.

غم و درد عشق جي ماجرا دل ِ غزنوي کان پڇي ڏسو!
ڪو تہ رنگ ِ حسن ضرور هو پس پرده زلف ِ اياز ۾.

## عشق و خرد

ذوق نظر تو سر تئي حد ” نگاه کان،
عقل ۽ خرد ڪٿي تو هم آغوش ٿي سگهي!

ساقي بہ هوند سرڪ پياري ڪٿي چڏي،
زاهد جو ضابطي ۾ اگر هوش ٿي سگهي.

## حجام ۽ حڪيم

رهيو ڪهڙو فرق آهي حجامن ۽ حڪيمن ۾
هو ٻاڪيءَ کي ڪٿي آيو هتو نشتر کي ڪٿي آيو.

ڪو اختر سنگ ِ در بنيو ڪو منظور نظر بنيو،
ڪوئي سر کي ڪٿي آيو ڪوئي زر کي ڪٿي آيو.

## ڪاليج جي ڪڪي

ڪڇ ۾ ڪتاب چشمو اکين تي بصد خرام،
مائٽ انهيءَ ۾ خوش تہ ٿي نيڪر پڙهڻ وڃي.

ڪنهن جو رهي تو دل کي سر ِ راه انتظار،
ڪاليج جي ڪڪي ڀلا ڪنهن سان گهمڻ وڃي.

## مصحف فطرت

هي صبحِ ترقي ۽ نهان شامِ تباهي،
ڪاهيندو اچي غرب کان طوفانِ سياهي،
آهي ته چڱي قرأت قرآن مگر دوست،
پڙهه مصحفِ فطرت مان ڪي آيات الاهي.

## مستي

مال و ملڪيت تي ڪڏهن مستي نه ڪر،
هوڏ ڇڏ هوشيار ٿي هستي نه ڪر،
ناس ٿيندو نيٺ دنيا جو نظام،
اف! ضعيفن سان زبردستي نه ڪر.

## دربار ناز

محمود پيو غلام ٿي دربارِ ناز ۾،
اهڙو ته رنگِ حسن هو زلفِ اياز ۾،
آيس مان حسرتن ڪي وئي پيش يار جي،
گويا هلي امام ٿي پيٺس نماز ۾.

## سايهٔ ديوار

غير کان اصلاح ۽ اميدِ خير،
بيوقوفيءَ جو نه پيو اهڙو مثال،
سايهٔ ديوار کان اي بيوقوف!
تو رکين تون آرزوئے اتصال؟

## بيحال

صياد جي سختيءَ کان ڏس اي باغ جا مالهي،
هر شاخ تي مرغانِ چمن بي پروبي بال،
پرواز جي طاقت نه رهي جن جي پرن ۾،
مي قيد قفس ۾ تو ڏسان حال کان بيحال.

## بي ضمير

نہ جنھن کي کو ضمير آهي تہ ان جي زندگي ناهي،
سو کھڙو ويھي سوچيندو جھانِ دل بنائڻ ۾.
سمايل آهہ منھنجي بيخوديءَ ۾ محفلِ عالم،
مناسب ناهہ کا خودداري جي محفل بنائڻ ۾.

## امير

باغِ جهان جا ہڏ تون اي باغبان دلشاد،
مظلوم عندليب مسڪين جو آهہ و فرياد،
صيّاد جي هٿن ۾ تير و ڪمان آهي،
مرغانِ صبح ٿي ويا اڄ بي گناهہ برباد.

## اقربا نوازي

تعليم شرط ناهي وقعت جي آهہ بازي،
دولت اڳيان نہ آهي غربت جي چاره سازي،
سندون ۽ شخصيت، صلاحيت فضول آهي،
سمجهايو ڪيئن ٿيندي، پيو اقربا نوازي.

## ادب ۽ قوم

ادب ۽ علم کان جيڪي هجن هر وقت اڻ واقف،
انهن جو صبح ٿيندي ٿي سويري سج لٿو بيشڪ،
جهالت ٿي ڪري جنھن قوم کي بينور اي "اختر"،
اهائي قوم ٿي ڏسجي پٽيندي منھن مٿو بيشڪ.

## هوائي جهاز

ويٺين تون وڃائي دل دنيا جي ادائن ۾،
اف! ڏار ٿين ڏکجي صحرا جي سوارن کان،
ڇا ٿيو تون ڪرين جيڪر پرواز هوائن ۾،
تنھنجي تہ اڃا اڳتي منزل ٿي ستارن کان.

## دل

آتشي عالم اصغر ۾ "اختر" امتحان دل،
آتشي آباد ڪر اي بوالهوس بهتر جهان دل،
روان ڪر ڪاروان پنهنجو سنجهي مان پنهنجي منزل ڏي،
بروج حق شناسيءَ سان منوّر آسمان دل.

## عيد

ميخانهء پندار جا ميخوار ۽ مينوش!
اڄ بادهء عشرت ۾ ٿيا مست ۽ مدهوش،
ڇا ! ڏيندو جفاڪش جي دل زار کي تسڪين،
محبوب جي ميدان ۾ اڄ عيد جو آغوش.

## هلال عيد

هلال عيد ۾ پوشيده آ سرور و حضور،
شراب و عيش، تقاضائے نفس، امير جي عيد،
جهان عشق ۾ منظور، طالب و مطلوب،
رضاؤ شڪر و سلام خدا فقير جي عيد.

## زندگي

منظر قدرت کي "اختر" زندگي تي ناز آهه،
خود خدائي جو سمايل زندگي ۾ راز آهه،
زندگي آهي متاع نيڪ و بد جو ڪاروان،
"انّما الاعمال" تار زندگي جو ساز آهه،

## مقابلو

حرفت تي ڪر تون نفس سان هر هر مقابلو،
دارا سان جيئن ڪيو ٿي سڪندر مقابلو،
زور آزمائي ڪر نه ضعيفن سان زوردار،
شير آهين ڪر تون شير سان "اختر" مقابلو.

## مقامِ سڪون

تباهيءَ جو لڳو طوفان پکي پيڙ ۾ پڏو ساماں،
مگر امواجِ رحمت اوچتو ساحل تي پهچايو،
دلِ بيتاب کي "اختر" جتي تسڪين حاصل ٿئي!
ڪمالِ ياس و غم مون کي انهيءَ منزل تي پهچايو.

## ڪلب

بي پرده حسن و عشق جي مستي ۾ ڪشمڪش،
ابليس ٿو عجب ۾ گذاري تمام رات!
وسري وڃنس هونئد تمنّائون خُلد جون،
زاهد اگر ڪلب ۾ گذاري تمام رات.

## عشق

عشق ويچارو رهي منّت ڪشِ مخمورِ ناز،
حسن سو فتنا سهي، زردار جي زيرِ اثر،
هڪڙي اچلي سر ڏنو ۽ هڪڙي اچلي زر ڏني،
هڪڙو سنگِ در بنيو ۽ هڪڙو منظورِ نظر.

# غــزل

ياس و حسرت جو مڪان ڳولي لڌم،
هڪ وڇايل ڪاروان ڳولي لڌم.

برق ديده آشيان ڳولي لڌم،
يعني هڪ دارالامان ڳولي لڌم.

رنج و غم ڪي مون ڪيو پنهنجو رفيق،
نيٺ هڪڙو رازدان ڳولي لڌم.

هوم سڪٿو دردِ الفت جو سبق،
مڪتبِ آه و فغان ڳولي لڌم.

ٿيو اثر حاصل هميشه جو ملال،
گويا هڪ گنجِ نهان ڳولي لڌم.

مون ڪئي مدّت کان پئي پنهنجي تلاش،
پاڻ کي پنهنجي گهران ڳولي لڌم.

نيستيءَ مان ٿي مليم هستيءَ جو راز،
”لا“ جي دم سان ”لا مڪان“ ڳولي لڌم.

جنهن سخن سان ماهرو مرڪي ملي،
اڄ سو انداز بيان ڳولي لڌم.

”طالب المولىٰ“ جي صحبت ڪيو اثر،
نڪته سنج ۽ نڪته دان ڳولي لڌم.

بي سر و سامان جو ٿيندو ڪير يار؟
”اخترِ“ بي خانمان ڳولي لڌم.

بزمِ ادب تي صلح ۾ فتنو بپا ڪري،
”اختر“ مشاعري ۾ اچي ڇا ڀلا ڪري؟

شل هن دماغ سوزي کان آجو خدا ڪري،
ڪنهن کي متان ڪا شاعري منهنجي خفا ڪري.

هڪدم نري وڃو اي خيالاتِ شاعري،
سمجهو آئوَ ڇا دل کي ڪا مهمان سرا ڪري؟

علم و ادب جو ڪنهن کي به اڄ قدر ڪونه آهه،
بغض و حسد اڪين کي نه انڌو ادا ڪري.

کهڙو نه آ مزو جو رُٺي يار عيد رات،
عاشق به ڪجهه ته هجر جي ويهي ثنا ڪري.

غيرن تي ڇا ميار ڀلي پاڻ سوچ ڪن،
افسوس هي جو ڪجهه به ڪري، آشنا ڪري.

عزت ۽ ذلت آه هميشه خدا جي وس،
ڪنهن کي امير ڪنهن کي حقير و گدا ڪري.

مايوس ڪيئن ڪندو هو ڀلا پنهنجي دوست کي،
دشمن متان جو روز تو لطف و عطا ڪري.

جيڪر ضرور آ ته فقط صبر جو ضرور،
آهستہ ڪنهن جي آه تي قهرِ خدا ڪري.

آهي ڪو اهڙو مردِ سحر خيز جو ڪڏهن،
”اختر“ گناهگار جي حق ۾ دعا ڪري.

●

ان حسين جي عشق ۾ اغيار سان تڪرار ٿيو،
عزّ و همت سان صفا ميدان آخرڪار ٿيو.
رفتہ رفتہ انَ جفا پيشہ سان منهنجو پيار ٿيو،
آشنا ٿيو دوست ٿيو محبوب ٿيو دلدار ٿيو.
آيو عاشق جي عيادت لاءِ هلي هيڪر حبيب،
رمز سان ڪيڏو نہ آهي رتبہٗ بيمار ٿيو.
محتسب آيو جڏهن ميخانہ ۾ مستن خلاف،
مست ساقيءَ جي نگاهہِ مست سان سرشار ٿيو.
ڇا مقابل ٿي سگهي اهلِ جفا سان اهلِ درد،
جنهن جي سيني تي سياه چشمن جو آهي وار ٿيو.
سون بڻايو پنهنجي اکين ۾ برابر بتڪده!
اي حرم جا راهرو! منهنجو اتيئي يار ٿيو.
جنهنجي ”اختر“ تو ڪرين دير و حرم ۾ جستجو،
چشمِ نرگس جي نزاڪت ۾ اچي نروار ٿيو.

●

وري تو زنده ٿي سگهي تڪي ترار جو شهيد،
مگر تو خاڪ ٿي وڃي نگاهِ يار جو شهيد.
بڌاءِ اي طبيب تون ڀلا ڪو زنده ٿي سگهيو،
صنم جي تيز گهور جي شديد وار جو شهيد!
جنونِ عشق ۾ وڏي مون هم بغل تيغ گهريو،
تيس سان دم ۾ زلف جي سياه مار جو شهيد!
ڀلي تون شوخ ديد سان هزار بار قتل ڪر!
جهان ۾ مان بہ سڏجان شال ڪنهن نگار جو شهيد!
ڏسو! ڏسو! هي عاشقِ حزين جو لاش بي ڪفن،
ڪہ ياس و غم جي دشت ۾ جفا جي خار جو شهيد!
اگرچ ”اختر“ حزين رهي تو حال ۾ حيات،
پڪارجي تو بزمِ يار ۾ پيار جو شهيد!

●

خوب ڄاڻن ٿا ھي سھڻا سيم تن چوري ڪري،
ھڪ نظر ۾ گوھرِ دل ٿا وڃن چوري ڪري.

ھي نزاڪت، ھي تبسم ھي ادا ھي حسن و ناز،
منھنجي سھڻي ڪان سکيو آھي گلن چوري ڪري.

ڇا ٻه دنيا ڇني مگر ان جو قسر ھي رنگ و ٻُو،
آندي زلفِ يار ڪان مشڪِ ختن چوري ڪري.

بوالھوس آيا شھيدِ عشق جي مدفن تي رات،
ويا محبت جي جنازي تان ڪفن چوري ڪري.

ڇا ڪريان ساڙي ڇڏيو ڪاشانهٔ صبر و قرار،
ويئي ويئي ئي نگاهِ شعلهٔ زن چوري ڪري.

بزمِ شعرا ۾ سڏائي پاڻ کي اھلِ سخن،
شعر ڪيئن ٿا پنھنجي نالي پيش ڪن چوري ڪري.

رفته رفته بي تڪلف تي رقيبِ رو سياه،
ويا صنم خانه مان "اختر" حسنِ ظن چوري ڪري.

•

دلِ مست درد آشنا ٿي رهي آهه،
محبت ۾ جو مبتلا ٿي رهي آهه.
نگاهن سان نازڪ ادا ٿي رهي آهه،
قضا جي به شايد قضا ٿي رهي آهه.
وري تازه تر ڪربلا ٿي رهي آهه،
جو خونِ جگر سان حنا ٿي رهي آهه.
رڳو روز روز ان جي ها ٿي رهي آهه،
دعا جي بهاني دغا ٿي رهي آهه.
تمنّا کي آيس ڪري ترجمان پر،
تمنّا به صبر آزما ٿي رهي آهه.
مون ورتو وچي آرزو جو سهارو،
مگر آرزو التجا ٿي رهي آهه.
شبِ هجر آئي ته بس عيد جي ڏينهن،
حسينن جي شايد ادا ٿي رهي آهه.
ڪئين فڪر دل تي لهن ۽ چڙهن ٿا،
دلِ زار مهمان سرا ٿي رهي آهه.
غمِ هجر ڏيئي رقيبن سان رغبت،
صنم جي عطا تي عطا ٿي رهي آهه.
نري ئي نٿي دردِ دل جي مصيبت،
مصيبت به بي دست و پا ٿي رهي آهه.
ڏسان نوحه خوان تو هي مرغِ سحر جو،
مخالف چمن جي هوا ٿي رهي آهه.
جتي قتل ٿيندا رهن قرب وارا،
اتي تنهن جي ”اختر“ پڇا ٿي رهي آهه.

●

جي تيرِ نظر تيرِ قضا ٿيو تہ بجا ٿيو،
مجروحِ قضا نذرِ ادا ٿيو تہ بجا ٿيو.

هر شب ٿي تصوّر ۾ ڦري يار جي صورت،
هي قلبِ حزين مهمان سرا ٿيو تہ بجا ٿيو.

محفل ۾ صنم آيو ڪري لال هٿن کي،
هي خونِ جگر رنگِ حنا ٿيو تہ بجا ٿيو.

مون فرشِ رهِ يار ڪيو پنهجي اکين کي،
سر يار جي قدمن تي فدا ٿيو تہ بجا ٿيو.

●

اشڪِ خون غم ۾ ٿيا لعلِ بدخشان شڪريہ!
ايتري رفعت تي پهتي چشمِ گريان شڪريہ!

ياس ۽ اميد تي دست و گريبان شڪريہ!
منهنجو مشڪل هاڻي ٿي ويو بلڪل آسان شڪريہ!

مرحبا صد مرحبا اي برقِ سوزان شڪريہ!
ٿي ويو هڪ پل جي لئہ گهر ۾ چراغان شڪريہ!

يوسفِ ڪنعان جي سنّت اڄ بہ زنده آه يار!
پنجي ويا منهنجا عدو چاهِ زخندان شڪريہ!

منهنجي حسرت تي هيءَ دنيائي فقط ڪلندي نہ آه!
زخمِ دل خود آهہ منهنجي غم تي خندان شڪريہ!

بت پرستيءَ ۾ مليو اي شيخ وحدت جو سبق!
پنجي نڪتو دير مان "اختر" مسلمان شڪريہ!

●

رسومِ عشق کان شل بيخبر خدا نہ کري،
غريبِ زار جو برباد گهر خدا نہ کري.

هزار منّت و زاري سان آيو محفل ۾،
شبِ وصالِ صنم جو سحر خدا نہ کري.

حسد کان داغ ٿي پئو قمر جي سيني ۾،
جمالِ يار تي کنهن جي نظر خدا نہ کري.

●

فکر کان هڪدم ۾ فرقت ۾ نئي فرحت اچي،
روز ٿي عرشِ بريں تان اوچتو آفت اچي.

ساعتِ سوزِ محبت ۾ سڪونِ دل جو خير،
جوشِ الفت ۾ جنونِ عشق کي لذّت اچي.

منهنجي ديدن مون کي دوکي ۾ رکيو وقتِ نگاه،
مون کي پاڻهي پاڻ تي هن حال تي حيرت اچي.

حزن ۽ حسرت جي حالت ۾ ٿئي همدرد ڪير؟
هن پريشانيءَ ۾ کنهن پر ڪم نہ ٿي دولت اچي.

هڪ خدا ڄاڻي ٿو بيشڪ منهنجي بيتابيءَ جو حال،
شل نہ ههڙي ريت کنهن نادان تي نوبت اچي.

ڪم قيامت کان نہ آهي کنهن جو اختر انتظار،
پنهنجي اعمالن جي شايد ٿي اها شامت اچي.

●

وٺ محتسب حساب وٺي مئي فروش کان،
ڪيئن ترڪِ جرم تي ٿو سکي باده نوش کان.

پڇ تون حقوقِ خلقِ خدا تاج پوش کان،
ڪهڙو پڇين ٿو حال مون خانه بدوش کان.

راهِ ادب تان گم ٿي ويو ڪاروانِ صبر،
جانان جي حسنِ ديد تي گم گشته هوش کان.

لائيندو رنگِ سوز ڇا؟ واعظ زبان دراز،
سک درسِ اضطراب تون سازِ خموش کان.

سون پنهنجو حالِ زار ڪيو بس يار جي،
ڪهڙو حيا ڪريان مان انهيءَ پرده پوش کان.

جنهن جي جفا ۾ آهه سدائين وفا جو رنگ،
بهتر تو ان جو نيش لڳي ڪنهن بي نوش کان.

اختر ڇو تنهنجي نظر مان ڪنهن کي اثر نه ٿيو؟
پوڙا هئا سيئي ڇا صفا دل جي گوش کان.

●

دلِ عشاق ۾ ”اختر“ ادائي عشق پيدا ڪر،
تون هر ذره کي صحرا ڪر تون هر قطره کي دريا ڪر.

اجڙ ٿي ويو جهالت جي خزان مان گلشنِ اخلاص،
نسيمِ علم سان خندان تون گلزارِ تمنا ڪر.

عدم مان عالمِ هستي ۾ بنجي نور تون آئين،
نگاهِ حسن سان آئينه انرنگ پرزا ڪر.

اٿي ڪر اي جوان ايجاد الا الله جو ايتم،
ختم غيرن جو غوغا ڪر نمودِ حق کي هرجا ڪر.

اٿيئي پاڻ سان ڪرڻو جهاد في سبيل الله،
مٽائي ”لا“ جي صورت هر طرف موجود ”الا“ ڪر.

•

عزيزو! رات مئخاني جي مهمانن سان ڏاڍي ٿي!
صنم خنجر ڪڍي بيٺو ثنا خوانن سان ڏاڍي ٿي!

هٽايو رخ تان هن پرده ڪي پروانن سان ڏاڍي ٿي!
فقيه و زاهد و واعظ جي ايمانن سان ڏاڍي ٿي!

هو سهڻو بزم شعرا ۾ سراپا شعر ٿي آيو!
خموشي ڇائنجي ويئي سخندانن سان ڏاڍي ٿي!

عمامہ کي اڇل ڏيئي هو آخوند ٿي نچڻ بيٺو!
خثابي خود بخود ڪسڪيا جو نادانن سان ڏاڍي ٿي!

ڪتابِ رخ جو هڪڙو ورق شايد آهه شايع ٿيو!
اديبن جي ادب آموز افسانن سان ڏاڍي ٿي!

قد و قامت ۾ محبوبہ ۽ خال و خط ۾ شهزادو!
حسين حورن سان ڏاڍي ٿي يا غلمانن سان ڏاڍي ٿي؟

ڪٿي آيس هزارين حسرتون جانان جي خدمت ۾!
رقيبن کي ڏسي گڏ دل جي ارمانن سان ڏاڍي ٿي!

حسينانِ جهان سڀ سرنگون ٿيا حسنِ جانان وٽ!
پرستارن سان ڏاڍي ٿي صنم خانن سان ڏاڍي ٿي!

منيالي پير رک "اختر" گلستان جي احاطي ۾!
گلن جي ٿي آرزو ۾ اڄ گريبانن سان ڏاڍي ٿي!

●

اي صنم ڪر ڪا عطا ڪجهه هيڏن طرف ڪجهه هوڏن طرف،
در تي گڏ ٿيا ڪئين گدا ڪجهه هيڏن طرف ڪجهه هوڏن طرف.

مشعلِ رخ جي ضيا ڪجهه هيڏن طرف ڪجهه هوڏن طرف،
ڪيئي پروانہ فدا ڪجهه هيڏن طرف ڪجهه هوڏن طرف.

شاخِ گل تي نو شگفتہ گل ڏسي ڪئين بلبليون،
ٿيون اچي نغمہ سرا ڪجهه هيڏن طرف ڪجهه هوڏن طرف.

موت ٿيو سر تي سوار ۽ مهل سر آيو مسيح،
هو مريضِ لا دوا ڪجهه هيڏن طرف ڪجهه هوڏن طرف.

گويا ڪڪرن ۾ لڪي ويو ماهِ ڪامل اوچتو،
"يار جا زلفِ دوتا ڪجهه هيڏن طرف ڪجهه هوڏن طرف."

رقص ڪن جوڳين اڳيان جئن نانگ ڪارا ٿڻ ڪڍيو،
"يار جا زلف دوتا ڪجهه هيڏن طرف ڪجهه هوڏن طرف."

جيئن چمڻ جي ڪئي رخِ جانان ڪي مون ويڙهي ويا،
"يار جا زلفِ دوتا ڪجهه هيڏن طرف ڪجهه هوڏن طرف."

هڪ نظر سان ٿي ٿي ديدن جي ڪمانن سان ڪئين،
تير مژگان جا چٽا ڪجهه هيڏن طرف ڪجهه هوڏن طرف.

توکي ذوقِ خود نمائي مون کي شوقِ رنگ و بو،
شڪوه مهر و وفا ڪجهه هيڏن طرف ڪجهه هوڏن طرف.

قافلو نڪري ويو مان پوئتي رهجي ويس،
ڪئين لڳا پيا هٿا مزا ڪجهه هيڏن طرف هوڏن طرف.

عشق، گل بلبل کي ۽ صيّاد کي ترغيبِ قتل،
طرفداري ڪئي قضا ڪجھ هن طرف ڪجھ هُن طرف.

گوهرِ مقصود هو دريا جي وچ مان آٿون،
ست ڏسندا ئي رهيا ڪجھ هن طرف ڪجھ هُن طرف.

هو رُسي ويهي رهيو ۽ مون کي پيو پرڇانءُ،
در حقيقت هئي خطا ڪجھ هن طرف ڪجھ هُن طرف.

هڪ مان ٿي ويو پيار آ هڪ جي حوالي هوش اڳئي،
۽ پئي نباهيندين پلا ڪجھ هن طرف ڪجھ هُن طرف.

ان جي رخسارن کي هرهر ٿي ڇهيو گستاخ ٿي،
شوق مان بادِ صبا ڪجھ هن طرف ڪجھ هُن طرف.

تنهن جا عاشق تنهن جي بزمِ ناز ۾ سڀ ٿيا شهيد،
سيفِ ابرو مان ڪُٺا ڪجھ هن طرف ڪجھ هُن طرف.

آيو اهڙي شان مان پي يارُ، جو بت بنجي پيا،
آشنا غير آشنا ڪجھ هن طرف ڪجھ هُن طرف.

ڪعبہ ۾ وحدت جو شان بتخانہ ۾ ڪثرت جو رنگ،
مظهرِ نورِ خدا ڪجھ هن طرف ڪجھ هُن طرف.

کيو جدا غيرن غلط فهمي وجهي طرفين کي،
ٿي ويو ماتم بپا ڪجھ هن طرف ڪجھ هُن طرف.

واعظ ۽ پيرِ مغان ڪيئن با جماعت صلح ڪن،
هي جدا ۽ هو جدا ڪجھ هن طرف ڪجھ هُن طرف.

ڏک ۽ سک "اختر" اٿئي ردِ عمل هڪ ٻئي جو ٿئي،
پاڻ کي ڪر آشنا ڪجھ هن طرف ڪجھ هُن طرف.

●

ناصح نہ ڪر اسان سان تون حجت وري وري،
نادان ڪي ڪندي چا نصيحت وري وري.

پانيان تہ ان جي پيو ڏسان صورت وري وري،
آليان ڪٿان نگاہ جي همت وري وري.

جيڪو وڪي تو غير مان رغبت وري وري،
آهي بجا پوء منهنجي شڪايت وري وري.

حاصل ڪريان ڪا وصل جي لذت وري وري،
”ساقي پيار جام محبت وري وري.“

خواهش اٿم تہ مصحفِ رخسار جي ڪريان،
شب روز شوقِ دل سان تلاوت وري وري.

اڄ مون سان منهن جو يار هم آغوش ٿي ويو،
مان پڻ ادا ڪندس اها سنت وري وري.

جاہ و جلال حسن جي تعريف چا چوان،
طاري ڏسان تو پاڻ تي هيبت وري وري.

جرم وفا جي اڄ ٿي صفائي ڪري وٺان،
ملزم ڪي ملندي ناہ ڪا مهلت وري وري.

اي يار هوندي منهن جي جواني بہ چند روز،
تنهن جي رخ تي ايندي نہ رنگت وري وري.

هڪ پيرو ڪين بهر عيادت بہ آئين ڪالهہ،
چا ٿيو جي ايندين اڄ سر تربت وري وري.

آهن تماشا گاهِ جهان جا هزارين رنگ،
”اختر“ تون ڪول ديدہ عبرت وري وري.

•

ڪنهن جي جلوت ڪي ڏسي جلوه نما ياد آيو،
هوش ته هو ڪونه مگر هوشربا ياد آيو.

صورت، بت ڪي ڏسي سان ئي خدا ياد آيو،
بتڪده ۾ شرف، ڪعبه، عُلا ياد آيو.

ڪالهه منصور ڪي ڀي دار تي لٽڪايائون،
مون نهاريو ته مون ڪي زلفِ دوتا ياد آيو.

مون ڇميا تِي هن شمشير، ڪف جا پئي هٿ،
رنگ خون ياد نه پيو رنگ حنا ياد آيو.

●

اچو ته عشق جي مذهب کي اختيار ڪريون،
اچو ته حسن جو بتخانو برقرار ڪريون.
اچو ته صورتِ جانان کي همڪنار ڪريون،
اميد وصل ۾ اکين کي انتظار ڪريون.
اچو ته دشتِ محبت ۾ نيون قدم انداز،
اچو ته پيرهنِ عقل تار تار ڪريون.
هي قطره قطره خونِ جگر تي لعلون وڄن،
اکين کي اهڙي طرح غم ۾ اشڪبار ڪريون.
گلن کي جيئن ٿي قمري بلبل، چمن بيتاب،
طواف، ڪعبهٔ رخ هڪ نه بار بار ڪريون.
بنايون عزم سان صحرا کي غيرت، چمن،
اچو ته تيشه سان تسخير ڪوهسار ڪريون.
اسان جو پير، مغان اڄ بزم ۾ آيو آهه،
حرم کي باده، گلگون سان داغدار ڪريون.
هلي ٿي بزمِ چمن ۾ عجب نمائشِ حُسن،
اچو ته خود ئي طلب تي تلاشِ يار ڪريون.
ويو ٿي دفن محبت جو لاش مدت کان،
اچو ته شمع کي روشن سر، مزار ڪريون.
هي باغِ حسن و ادا ناه آب جو محتاج،
جگر جي خون سان غنچن کي لالہ زار ڪريون.

●

نماز، عشق جي ترتيب بي رڪوع و سُجود،
اچو ته ڪعبهٔ تسليم پائدار ڪريون.
رهي ٿي هجر، صنم ۾ هزار گونه خلش،
اچو ته خنجر، ابرو سان جانثار ڪريون.
ڏسان ٿو عشرت، امروز ۾ فقط حسرت،
"اچو ته وعدهٔ فردا ٿي اعتبار ڪريون"،
هي داستان، محبتّ ڪُشٿ جو ناه "اختر"،
اچو ته محفل، شعُرا ۾ اختصار ڪريون.

●

چو متو آ گوڙ هن ميخانہ تي؟
جام تي يا جذبہ رندانہ تي؟

پيءُ، پيئڻ کان منع ڪانهي هوش ڌار،
غم ۽ غصو غير جي پيمانہ تي!

تون جوان آهين، اکيون پٽ هوش ڌار،
سنگ جرئت، سو بہ هڪ ديوانہ تي.

غير کي ٻاهر ڇڪي ڪڍ بزم مان،
جوش غيرت ڪر تہ ڪنهن بيگانہ تي.

تو ۾ سوزش ناه آهين سرد و تر،
جرم ناحق ٿو رکين پروانہ تي!

تون ڪندين ڇا؟ تو ۾ خود داري ڪٿي؟
تون جهڪيل آهين در بتخانہ تي.

آهين زنجير خوش آمد ۾ اسير،
حيف هُهڙي همت مردانہ تي.

مات ڪر "اختر" چوڻ جو وقت ناه،
هرڪو خوش آ شوڪت شاهانہ تي.

•

گرداب مان بچيس تہ ڪنارو ٿُٽي پيو،
اميد، دل جو باقي سهارو ٿُٽي پيو.

چمڪيو ڀي نجم، عشق سپهر شام عرش تي،
ليڪن سحر کان اڳ ـو ستارو ٽٽي پيو.

مون ٿي بنايو عهد، محبت جو زائچو،
اچليم جو قرعہ فال تہ ڏارو ٽٽي پيو.

مدت کان پوءِ پري کان صنم کي ڏٺم مگر،
آڏو رقيب ٿيو تہ اشارو ٽٽي پيو.

مون ڪيو بچاءُ ڪشمڪش حسن ۾ گھٽي،
پر منهن جو هڪ نظر ۾ ئي وارو ٽٽي پيو.

دڪ دڪ ٿي بار هجر کان اڄ دل تي اوچتو،
گويا غم و الم جو غبارو ٽٽي پيو.

اڄ منهنجو يار مونسان تصور ۾ ٿيو ڪين،
ڪوشش جي باوجود نظارو ٽٽي پيو.

هو آرزو جو سر بفلڪ خوشنما محل،
طوفان، بيڪسيءَ ۾ منارو ٽٽي پيو.

اڄ ڪارزار عشق جو ويو جهت بدلجي رنگ،
نزديڪ فتح هئي تہ نقارو ٽٽي پيو.

انڪار ڪائنات ڪيو درد، عشق کان،
"اختر" حزين تي بار هي سارو ٽٽي پيو.

●

بڌاءِ اي عندليب، زار هن گلشن ۾ ڇا گذري؟
گل، لالا گل، سنبل گل، سوسن تي ڇا گذري؟

اشارن جي ادائن کان بچڻ مشڪل بهادر جو،
خبر ناهي ته هن مخمور، اهل، فن تي ڇا گذري.

نگاهِ، شوخ جي شمشير سان قربان ٿيا ڪيئي،
نه ٿيو معلوم اڄ تائين انهن مردن تي ڇا گذري.

ڏسي حال، جنون منهن جو رقيبن کي ڪلڻ آيو،
عجيبن جي اکيان بدبخت جي دردن تي ڇا گذري.

زمين، زندگي سان اڄ اٿيو آ شور هيڪاندو،
فضا تي رقص ٿيو طاري، الا! عرش تي ڇا گذري.

ڪري هرزا پيالي کي هلي نانگا نچڻ بيٺا،
خدا ڄاڻي ته هن مئخانه جي مستن تي ڇا گذري.

نمائي پنهن جو سر ويٺو عمامه کي اڇل ڏيئي،
انهيءَ حجره نشين زاهد نڪو دامن تي ڇا گذري؟

وڃائي پنهن جا همٿ ويٺيون حسين تر مصر جون رائيون،
ڏسڻ سان حسن، يوسف کي سندن چشمن تي ڇا گذري؟

ذرا باد، صبا ترسي حسينن جي حقيقت ڏي!
انهيءَ "اختر" شهيد، ناز جي مدفن تي ڇا گذري؟

●

هٽايو مه جبين منهن تان نقاب آهستہ آهستہ،
ڏيه ڪڪرن مان نڪتو ماهتاب آهستہ آهستہ.

قيامت پيو ٿئي ان جو شباب آهستہ آهستہ،
وڃي اڃا ٿيندي اضطراب آهستہ آهستہ.

گهڻي مدّت کان پوءِ مون کي مليو محبوب اڄ مرڪي،
ٽڙي گلشن ۾ ڏيو غنچهءِ گلاب آهستہ آهستہ.

بت، خاموش جي پوڇڻ ۾ آخر بت ويس بنجي،
ڪري جادو ٿي چشم نيم خواب آهستہ آهستہ.

مون هڪي هڪي آخر دل جي مسرت پيش ڪئي ان جي،
ٿئي الفاظ ۾ آيو جواب آهستہ آهستہ.

نہ ڏي قتل و ستم جون ڌمڪيون قاتل! اثر ٿي وئي،
طبيعت خوگر، درد و عذاب آهستہ آهستہ.

بتن جي عشق ۾ ويندو وڃائي عقل و دين تقويٰ،
جناب، شيخ جي عزت متاب آهستہ آهستہ.

بلطف و طالب المولیٰ هي ”اختر“ بزم، طالب ۾،
بهر حالت ويو ٿي باريابِ آهستہ آهستہ.

•

سائنس جي دنيا پيئي ڪري ايجاد اچا هٿيار نوان،
پر منهنجو صنم هر روز ڪري ٿو وار پڪيڙي وار نوان.
اي جان، تمنا! اڄ ته ڪيون اڄ عيد جي ڏينهن اقرار نوان،
گلزارِ وفا مان گلڙا چني هڪ ٻئي جا ٺاهيون هار نوان.
هر صبح غم و افڪار نوان هر شام ڏک ۽ آزار نوان،
تنهن جي ٿي محبت جا ٿو ڏسان روز روز هي دعويدار نوان.
مون بزم ۾ ان جي وڃڻ گهريو پر راه ڪان روڪي ويهي رهيا،
صف بسته سپاهه، مژگان جا مضبوط سپه سالار نوان.
هي عشق جو آهي پراڻو مرض ۾ شڪل ڪي بدلائيندو اچي،
تشخيص نئين، تجويز نئين، جرّاح نوان بيمار نوان.
اي راه نورد افسوس نه ڪر! راهون ٻه نيون رهبر ٻه نوان،
منزل تي هلي ڏسندا سون هلي ديدار نوان دلدار نوان.
اي عشقِ زليخا هوش ته ڪر هي مصر جي ڪا بازار نه آه،
يوسف جي خريداري لاءِ اچي ٿيا جمع ڪيئن زردار نوان.
اي مطرب، خوش الحان اچا هن دل جي ٽٽل تارن کي نه ڇيڙ،
نه ته سازِ شڪسته مان نڪري پوندا سوز پريا سُرتار نوان.
اڄ تارا تڪيندي تارا ٿڪي پيا رات ڪٽڻ مشڪل تي پيئي،
معلوم ٿو ٿئي مجبور تي شايد يار وڃي ڪيا يار نوان.
مون درد و ستم جا بار سهي محبوب جو حاصل قرب ڪيو،
هي پنهنجو لاتو ٽٽڻ جو ناهي يار پراڻو پيار نوان.
آهن ته اکيون سڀني کي مليون دنيا ۾ ڏسڻ لئه عام طرح،
پر جيڪي ڏسڻ چاهين اکيون پوري ٻه ڏسن اسرار نوان.
تون باده ڪهن جو جام پري هڪ ٻئي کي ڏيئي بدمست نه ڪر،
”اڄ بزم ۾ تنهنجي ساقي ٿيا موجود اچي ميخوار نوان.“
اکين ۾ حيا جو سرمو پيل ۽ لب تي وفا جي لالي لڳل،
”اختر“ جي اٿي موهڻ جا ڪيا سينگار نوان جنسار نوان.

●

مقتل ۾ حسن، ديد بها تي نٿو سگهي،
هي رنگ خون رنگ حنا ٿي نٿو سگهي.

منهن جو هي درد، عشق فنا ٿي نٿو سگهي،
الا جو عزم آه ته لا ٿي نٿو سگهي.

اي ره نوردِ راهِ محبت! ڪجهه اڳيرو،
ڏس جستجوئي يار ۾ ڇا ٿي نٿو سگهي.

ديدون ملائي دور ٿين ۾ به هوندو راز،
اهل، وفا ڪو اهل، جفا ٿي نٿو سگهي.

آهي مزو پرستش، بت ۾ عجب مگر،
لات و عزا ڪڏهن به خدا ٿي نٿو سگهي.

ڇا ٿيو جي غير سان مون ڏٺو پنهنجي يار کي،
روز، قضا ته روز، جزا ٿي نٿو سگهي.

صبر و قرار لٽجي سگهي ٿو جڏهن تڏهن،
ان جي اکين جو مست گدا ٿي نٿو سگهي.

جيسين چمن ۾ ناه جمال، صنم جو عڪس،
مرغ، بهار نغمه سرا ٿي نٿو سگهي.

وينس اکيون انهيءَ جي اکين ۾ اڙائي آه!
جنهن جي نظر جو تير خطا ٿي نٿو سگهي.

”اختر“ ڪان جي صنم ٿو گذاري جدا ته ڇا،
دل ڪان خيال، يار جدا ٿي نٿو سگهي.

•

غير تي اعتبار ڪير ڪري،
زندگي ناگوار ڪير ڪري.

رونق بزم مورکو ويندي،
شيخ کي باده خوار ڪير ڪري.

ميڪده ۾ رسيس ته مئي نه ملي،
حسرتن جو شمار ڪير ڪري.

راز کي راز رک ته راز رهي،
راز کي آشڪار ڪير ڪري.

مونڊي اچڻو اٿس ته اج ئي اچي،
"ايترو انتظار ڪير ڪري".

مئي جو ساغر وجان ئي ڏي ساقي!
"ايترو انتظار ڪير ڪري".

هڪ ئي غلطي تڙي ڪيو گهر مان،
لغزشون بار بار ڪير ڪري.

ڪجهه ته عملن جون شامتون آهن،
نه ته ڏڪا ڏيڻ ڏار ڪير ڪري.

دل جو سودو به آه دولت سان،
پئسو ناهي ته پيار ڪير ڪري.

نه جواني نه شڪل و رنگ و مال،
حب" مان همڪنار ڪير ڪري.

روئي تابان تي ڪارا زلف ڏسي،
فرق ليل و نهار ڪير ڪري.

ويو هليو ناخدا به تي ناراض،
منهنجي ڪشتيءَ کي پار ڪير ڪري.

ڪجھ ته توکي به درد، عشق هجي،
مفت ۾ جان نثار ڪير ڪري.

پاڻ ساڙئين تڏهن پتنگ مڙيو،
شمع کي شرمسار ڪير ڪري.

چشم، آ هنو جو چرچو آه مگر،
منهنجي سهڻي سان چار ڪير ڪري.

تنهنجي دم سان ٿي دور آ ساقي!
بزم کي برقرار ڪير ڪري.

آشنائي خزان گهڻن ئي ڪيو،
آشنائي بهار ڪير ڪري.

دل جي بدلي کپي ٿو قرب ۽ پيار،
نقد، دل مستعار ڪير ڪري.

توکي سچ پچ جي مون سان پيار هجي،
توکي مون کان پوءِ ڌار ڪير ڪري.

پل ته ڪهڙو به سنگدل تون هجين،
تنهنجي الفت کان عار ڪير ڪري.

منهنجي دل جو خزان رسيده چمن،
تو سوا لاله زار ڪير ڪري.

هڪڙو "اختر" ڇا پيا به ننڊ ۾ هئا،
ننڊ مان هوشيار ڪير ڪري.

●

اڄ مون کي ماهرؔو سان ملڻ ٿو نصيب ٿئي،
شايد مون غمزده کي کلڻ ٿو نصيب ٿئي.

هو عرش، اعظم آهي ارض، مقدّس آهه،
هتّن جي رڻ سان هن کي کلڻ ٿو نصيب ٿئي.

اکيون تہ عام طور ڏسڻ لئہ مليون مگر،
دنيا ۾ کنهن کي کنهن کي ڏسڻ ٿو نصيب ٿئي.

تي ويو شراب خاني ۾ ساقي جو فيض عام،
زاهد کي اڄ پيالا جو پيئڻ ٿو نصيب ٿئي.

ڇا ٿو ڏسين اي شيخ جي! احڪام شرع جا،
سنگ در صنم تي نمڻ ٿو نصيب ٿئي.

آيو مسيح آهه محبت جي لاش تي،
”اختر“ وري بہ زنده ٿيڻ ٿو نصيب ٿئي.

•

جنون، عشق کي آ چشم، فتنہ ور جي تلاش،
صنم جي تير، نظر کي دل و جگر جي تلاش.

نگاه، شوق کي آ غيرت، قمر جي تلاش،
جمال، يار کي پامال سربسر جي تلاش.

ڇڏي ڏي محتسب باده نوش مستن کي،
قضا کي ناه گنهگار بي خبر جي تلاش.

هي راز، عشق لڪائڻ سان تو ٿئي حاصل،
اجائي راه، محبت ۾ راهبر جي تلاش.

ڏسان ٿو جمع هي مقتل ۾ قتل جو سامان،
ٿئي ٿي رمز سان عاشق، دربدر جي تلاش.

سندم اکين ۾ تا اشڪن جا رهن ڪثين الماس،
فضول آه صرافن وٽان ڪُهر جي تلاش.

ادائي حسن تي ويٺس وڃائي عقل و هوش،
تو پنهنجي گهر ۾ ڪيان پنهنجي گهر جي تلاش.

اجائي عمر تو زاهد وڃائين خلوت ۾،
تلاش، يار جو تعبير خشڪ و تر جي تلاش.

نہ آهہ شرط، وفا هي رکو رڪوع و سجود،
هلي تون ڪر طلب، حق ۾ بحر و بر جي تلاش.

بنائي ويٺين تون مقصود ڇا؟ بت، بي پير!
زمين، شور ۾ بي سود آ ثمر جي تلاش.

حصول، زر ۾ نہ ٿي ايترو حزين "اختر"!
تون ذوق، نظر سان ڪر صاحب، نظر جي تلاش.

●

رقيبن وٽ هلي گلفام آيو،
اسان وٽ نامہ بي نام آيو.

سوين ڀيرا هي صبح و شام آيو،
تہ اڄ وانگر ڪڏهن ناڪام آيو.

غم، فرقت بصد اقسام آيو،
ڪہ هڪڙو خون آ شام آيو.

ڪيان پيو درد، دل محسوس! شايد،
"صنم ڪي ياد منهنجو نام آيو."

مليون اڄ اوچتو ديدن سان ديدون،
نگاهن ۾ نئي هڪ پيغام آيو.

سياه زلفن ۾ آيو روئي تابان،
تہ چڻ بتخاني ۾ اسلام آيو.

بدلجي مئہ سان پيو خون، جگر تي،
جڏهن ڪنهن جي لبن تي جام آيو.

انهيءَ مئخوار جي قسمت تي صد حيف،
جو مئخانہ سان تشنہ ڪام آيو.

ستمگر بس تہ ڪر پنهنجي ستم کان،
اڃا مس مس اٿم آرام آيو.

نہ "اختر" آيو ڪو بهر عيادت،
اگر آيو تہ سودا خام آيو.

●

مقتل ۾ هن جي پيش هلي پنهنجو سر ڪبو،
هر قطره قطره خون جو لعل و گُهرَ ڪبو.
ماري ته ان جي مرضي، مرڻ کان حذر ڪبو،
پٺي هٿ ٻڌي حضور ۾ سينو سپر ڪبو.
حيلو مٽائي حبيب اڳيان ڪارگر ڪبو،
"هن سنگدل جي دل ۾ اميد آه گهر ڪبو".
سامهون سڄڻ جي حال روئي سربسر ڪبو،
هن سنگدل جي دل ۾ اميد آه گهر ڪبو،
ساقي! هي باده خانه جو ڪيئن بند در ڪبو،
واعظ کي باده نوش ڪري بي خبر ڪبو.
دلبر جي در جي خاڪ کي ڪحل البصر ڪبو،
۽ ڪيمياگرن کي به اهل نظر ڪبو.
قربان هر قدم تان مٽائي مال ۽ زر ڪبو،
آهسته ان جي دل ۾ وڃي ڪو اثر ڪبو.
وعده وفا ڪري نه ڪري درگذر ڪبو،
صبر و رضا سان وقت نڀائي بسر ڪبو.
هر تلخيءَ زمانه کي شير و شڪر ڪبو،
مشڪل کي مرد، شير ٿي آسان تر ڪبو.
اي شيخ! هت ڪو ورد وظيفن جو ڪم نه آه،
ميدان، عشق آه جو سَرَ ڏيئي سَرَ ڪبو.
مرغ، ازل! تون گلشن، لذت کي ترڪ ڪر،
صيّاد جي حوالي نه هي بال و پر ڪبو.
جنهن جي جمال، ديد سان روشن جهان ٿيو،
تنهنجي برابريءَ ۾ ڇا شمس و قمر ڪبو.
هي رمز، عشق شيخ جي سمجهه کان دور آه،
"اختر" جنون، عشق کي ٿي رهبر ڪبو.

●

حسن جانان جلوه افشان ٿي ويو،
هر جوان آتش بدامان ٿي ويو.
مصحف رخ تان هٽايائين نقاب،
حرف ۾ تفسير قرآن ٿي ويو.
هن جي رخسارن جو رنگ حسن ڇا؟
خود بخود آئينه حيران ٿي ويو.
چشم نرگس ۾ رهي مستيءَ جو شان،
گويا بادهء کيف ارزان ٿي ويو.
ميڪده ۾ آيو واعظ اوچتو،
عمر رفته تي پشيمان ٿي ويو.
مئي جي هڪ ساغر ڪيو زاهد کي مست،
صحن مسجد بزم رندان ٿي ويو.
هن جي هڪ تير نظر سان اي طبيب!
منهن جي درد دل جو درمان ٿي ويو.
عمر جنهن جي عشق ۾ مون ڪئي بسر،
هڪڙي دم جي لاءِ مهمان ٿي ويو.
ٿيو اجڙ رنگ جوانيءَ جو چمن،
اهڙو جذبهء عشق طوفان ٿي ويو.
معصيت جا داغ ڌوتا حزن و ياس،
آب ديده ابر نيسان ٿي ويو.
آه وحشت ۾ جنون زاد سفر،
”بي سرو سامان جو سامان ٿي ويو.“
روڪجي ويون نگاهون شيخ جون،
ديده ور دانا به نادان ٿي ويو.
ڪيئن نه پرواني پڇايو پاڻ کي،
چند لمحن لاءِ چراغان ٿي ويو.
ڪل نه ”اختر“ پنهنجي ناداني تي روءِ،
جو رئڻ آيو سو خندان ٿي ويو.

•

مون کي غرور، حسن، تمنا جو هو خيال،
يعني عبور، عرش، معلّي جو هو خيال.

ساقي جو هو خيال نہ صهبا جو هو خيال،
بزم، جمال، يار ۾ رسوا جو هو خيال.

دنيائي دون ۾ عالم، بالا جو هو خيال،
چشمان، دل کي ذوق تماشا جو هو خيال.

پهتو شباب تي سر، شوريده جو جنون،
مون کي جمال ديدهء بينا جو هو خيال.

دارالشفا ۾ آيو پڇائي مريض عشق،
بيمار، غم کي پاس، مسيحا جو هو خيال.

پانہ تہ پيش، يار جي چيڙيان بيان، درد،
ليکن انهن کي شکوهء بيجا جو هو خيال.

ويٺس گل، بهار تي بنجي مان عندليب،
مون کي دل، حزين جي تسلّي جو هو خيال.

آيس عدم مان نيٺ جهان، وجود ۾،
حسن، ازل کي صورت، دنيا جو هو خيال.

فرعون حرص و آز ٿيو غرق، نيل نيٺ،
فطرت کي خود عقيدت، موسي جو هو خيال.

منهن جي رنڊ تي يار کيو ناز چوتہ کيس،
هو اشک، خون جي گوهر يکتا جو هو خيال.

جوش، جنون ۾ دشت نوردي جو مشغلو،
"اختر" اگرچ هيبت، صحرا جو هو خيال.

●

تون شهباز آهين ستارن سان ڪيڏ،
فلڪ تي هلي ماه پارن سان ڪيڏ.

نہ آواره ٿي لالہ زارن سان ڪيڏ،
نہ دلداده ٿي بهارن سان ڪيڏ.

نہ يارن سان ڪيڏ ۽ نہ پارن سان ڪيڏ،
تون شهزور ٿي شهسوارن سان ڪيڏ.

جيئڻ جو اٿئي فلسفو مسرت ۾،
هجئي گل جي خواهش تہ خارن سان ڪيڏ.

رهي ڪبريائي جو قوت ۾ شان،
جفا پيشہ ۽ زور وارن سان ڪيڏ.

طلب ۾ اٿئي سر بلنديءَ جو راز،
هنرمند ٿي ڪوهسارن سان ڪيڏ.

هي دنيا جو بازيچهٔ دلفريب!
نڪام مرد جي اشارن سان ڪيڏ.

ملي رنج و محنت سان درس حيات،
هي هڪ رنج و غم ڇا هزارن سان ڪيڏ.

در فقر جو ڏوڙ همت سان قفل،
سر گنج هڙن جي هارن سان ڪيڏ.

تون مئخانهٔ غم جو ساقي ٿي ره!
مئي فڪر جي بادہ خوارن سان ڪيڏ.

تون تسخير فطرت جو ڏيکار زور،
اٿي اهل فن! اهل ڪارن سان ڪيڏ.

اگر چاهين "اختر" قرار و قيام،
تہ هل شعلہ افشان شرارن سان ڪيڏ.

●

رنڱ رانڱي کي يڪسو ٿي ستائين ها تہ ڀائين ها!
محبت جي مٽي محفل مچائين ها تہ ڀائين ها!

رقيبن جي رهائين ۽ ڪرڻ شڪوہ وفا ويڻين،
مہر تسليم جانان وٽ نمائين ها تہ ڀائين ها!

فقط فرقت جي ڏمڪيءَ تي تون غيرن وٽ رڻ آئين،
سچ سامهون اکين مان جر وهائين ها تہ ڀائين ها!

تو ساريو هو سنجهي مان، يار پوئين رات جو آيو،
سياڻا صبح تائين دير لائين ها تہ ڀائين ها!

ٿئي ٿو وصل، جانان سڪ ۽ تعميل سان حاصل،
جنون، عشق جي دولت ڪمائين ها تہ ڀائين ها!

جهان، رنگ و بُو کي سمجهي ويڻين منزلِ مقصود،
انهيءَ تصويرِ باطل کي مٽائين ها تہ ڀائين ها!

هو قائم ناز ڪرڻو ڪشتہ سيماب دل "اختر"،
هي نسخو ڪيميا جو آزمائين ها تہ ڀائين ها!

●

حسن تنهن جي جو آهي يوسف، ڪنعان سان ٺڪر،
عشق منهن جي جو آهي دشت و بيابان سان ٽڪر.

درد، دل شوق، تمنّا جي مقابل آهي،
منهن جي امّيد جو حالات، پريشان سان ٽڪر.

عقل و دانش جي اڳيان آه ڪڙو جوش، جنون،
علم و عرفان جو ٿيو نسبت، عرفان سان ٽڪر.

غرق ٿي ڪشتي دل، ياس جي قلزم ۾ مگر،
موج غم جو ٿو رهي نوح جي طوفان سان ٽڪر.

منهن جي پرواز_ تخيّل جو مڪان عرش، برين،
منهن جي قدمن جو ٿيو خار مغيلان سان ٽڪر.

عالم، ڪيف ۾ ”اختر“ مان شهنشاه، خيال،
منهن جي مسند جو ٿيو تخت، سليمان سان ٽڪر.

●

همنظر کان حجاب ڪهڙو آهه،
دوستن سان حساب ڪهڙو آهه.

ميڪده ۾ جو مست لا يعقل،
نه ڪري سو شراب ڪهڙو آهه.

جيڪو مطلوب کي ڪري طالب،
کول آخوندا! باب ڪهڙو آهه.

جنهن جي جلوت سان جاڳي جذبهٔ شوق،
شيخ صاحب! شباب ڪهڙو آهه.

قيس بنجي تون راهِ عشق ۾ ڪاه،
قيس رئي ڪامياب ڪهڙو آهه.

مست ٿياسون اچا بہ رسم ۽ راه،
عاشقن تي عتاب ڪهڙو آهه.

ترڪ ڪر طرزِ شاعري ”اختر“
اڄ اديبن جو آب ڪهڙو آهه.

●

صنم ڪيو صبح، ايجادِ ستم جي آزمائش ۾،
اسان ڪٿي شام صبر و ضبطِ غم جي آزمائش ۾.

وهي هليو و فورِ حزن کان درياءِ اشڪ آخر،
درِ جانان جي اڳيان چشمِ نم جي آزمائش ۾.

جمع ٿيا عاشقانِ شاهدِ تهذيب يورپ ڏي،
سلام و امن و تجديدِ حرم جي آزمائش ۾.

محبانِ وطن ٿيا بزمِ دشمن ۾ قدم انداز،
فلاحِ قوم تعمير عجم جي آزمائش ۾.

ٿئي عقده ڪشائي نافذِ انهن سان ٿي حاصل،
هنرمندانِ عالم پيچ و خم جي آزمائش ۾.

بسر ٿي عمر "اختر" التفاتِ شعر گوئي سان،
نمودِ علم و اسرارِ قلم جي آزمائش ۾.

•

هلي مقتل ۾ اڄ خنجر، ٻه ڪف جلّاد آيو آهه،
نهايت خشمگين ٿي خوگر، بيداد آيو آهه.

ته ڏي اي نامه بر! قاتل جي طرفان قتل جون ڌمڪيون،
اسان جي لئه ته پيغام، مبارڪباد آيو آهه.

سنڀال اي عندليب، خوشنوا گلشن جي خطري کان،
چمن جي شاخسارن مان لڪي صيّاد آيو آهه.

گهٽو ٿي حلق پنهنجي کي دٻايم ضبطه غم خاطر،
مذبذب ٿي لب، خاموش ٿي فرياد آيو آهه.

حسينن جي هٿوَن ۾ مان وساري يار کي ويٺس،
رقيبن جي رٺڻ تي خود بخود سو ياد آيو آهه.

سون موڪليو صنم کي "اختر" بيچاره جو پيغام،
مگر بيدرد قاصد بزم مان ناشاد آيو آهه.

●

زر جي تلاش آهہ نہ سر جي تلاش آهہ،
حسن، نظر کي اهل، نظر جي تلاش آهہ.

هن کي نہ کنهن جي ديدهء تر جي تلاش آهہ،
آهي تہ زخم، قلب و جگر جي تلاش آهہ.

هن پار ٻڌ جي ٿو تہ ڪا سوتين جي ڪاڻ آهہ،
هلندو ڪو جنهن کي لعل و گوهر جي تلاش آهہ.

ولڻي ائم حسين کان خيرات حُسن جي،
دردر ڀنڻ وڃان ٿو جو در جي تلاش آهہ.

عرصہ کان عندليب جا نغما نڻا اچن،
بزم، چمن ۾ مرغ، سحر جي تلاش آهہ.

هڪ پل جي لئہ بہ ڪاش هي ڪاشانہ نُور ٿئي،
مدّت کان مون کي برق و شرر جي تلاش آهہ.

علمائے وقت جو تہ هي عزم، سفر ڏسو،
گهر جي خبر نہ آه قمر جي تلاش آهہ.

ڪئين رنگ ڏيئي ڏاهي مون تصوير يار نيٺ،
بس هڪ ئي رنگ، مهر و نظر جي تلاش آهہ.

اي رہ نورد، راه محبت ٿي اڳيرو،
راه، سفر ۾ حظ، سفر جي تلاش آهہ.

ڪلهہ وقت، نزع مون کي پڇڻ لئہ بہ آيو ڪين،
اڄ مہ جبين کي منهن جي قبر جي تلاش آهہ.

معلوم ناه لفظ محبّت جو اشتقاق،
بزم ـ ادب ۾ زير و زبر جي تلاش آهہ.

●

ٽڪتا ڪمان، چشم مان تير نظر جدا جدا،
زخمي بنائي ويو هليو قلب و جگر جدا جدا.

تنهنجي جمال، ديد ڪان عرش تو شرمسار ٿئي،
”تارا ڪتيون جدا جدا شمس و قمر جدا جدا.“

جيئن ئي رخ، حسين تان تي زلف هٽايا ماهرو،
سجده ۾ سرنگون ٿيا شام و سحر جدا جدا.

تنهن جي ئي دام، زلف ۾ آهيان اسير عشق ٿيو،
مرغ، قفس جا ڪيم ڪر بال ۽ پر جدا جدا.

عشق جي برتري جنون، عقل جي برتري هنر،
جذ بشر دل جدا جدا جلوت، سر جدا جدا.

تنهنجو ۽ منهنجو زاهدا ڪهڙي طرح سان قرب ٿئي،
عزم، سفر جدا جدا، راه، سفر جدا جدا.

منهنجي رُئڻ ڪي هم نشين ڪيم اجايو چالُجان،
پيدا ٿو اشڪ، خون مان ٿئي لعل و گوهر جدا جدا.

”اختر“ سوختم دل سان ڪر ايذو ستم نه اي صنم،
آه و فغان ۾ ٿو رهي برق و شرر جدا جدا.

•

چمن مان گذرندي باد صبا ڪڏهن نہ ڪڏهن،
هي غنچہ ٿيندا گل، بي بها ڪڏهن نہ ڪڏهن.

ڪندس مان بزم، محبت بپا ڪڏهن نہ ڪڏهن،
جو رنگ لائيندي آه و بڪا ڪڏهن نہ ڪڏهن.

هي روز روز اچيو ميڪده ۾ ڏيهاري!
ڪا محتسب جي ڪجي مرحبا ڪڏهن نہ ڪڏهن.

ٻڌو اٿم تہ هتي ڪو مسيح اچڻو آه!
"مريض، عشق کي ٿيندي شفا ڪڏهن نہ ڪڏهن."

هي دنيا آهي ٿي دورنگي جنهن ۾ ٿيندو ضرور،
هو سنگدل بہ تہ درد آشنا ڪڏهن نہ ڪڏهن.

تونگري نہ سهي من گداگري سان ٿئي!
صنم سان منهن جو تعارف ڀلا ڪڏهن نہ ڪڏهن.

هو بي وفا ٿي هجي پر يقين اٿم تہ ڪندو،
نگاهہ مهر سان وعده وفا ڪڏهن نہ ڪڏهن.

چون ٿا رنگ محبت سان ٿو بدلجي وڃي،
وفا جي رنگ ۾ رنگ حنا ڪڏهن نہ ڪڏهن.

پين کي چا بہ چوي ان جي مرضي پر هو صنم،
ڪندو ضرور هو "اختر" سان ها ڪڏهن نہ ڪڏهن.

غير سان ايڏو اٿئي هيار ته ماشاءَ الله،
مون کان بلڪل آهين بيزار ته ماشاءَ الله.

توکي حسن جو آ هشيار ته ماشاءَ الله،
وار ڇوڙي تون ڪندين وار ته ماشاءَ الله.

اهل دنيا ته رڳو رنج رسائيندا رهن،
ٿيو مقدّر به دل آزار ته ماشاءَ الله.

غير هوندو صنم خير ٿئي؟ ناممڪن،
ايندو محفل ۾ سو مردار ته ماشاءَ الله.

ڪجهه ته رلدن تان ملامت جي به هلڪائي ٿئي،
اڄ ٿئي شيخ تو ميخوار ته ماشاءَ الله.

واعظا! ڇو تون اڃي منهنجي پٺيان پيو آهين،
مون سان ڪڏ ٿيڻو اٿئي خوار ته ماشاءَ الله.

عشق رسوا ٿي غم عشق جي قابل نه رهيو،
حسن آيو سر بازار ته ماشاءَ الله.

ڪالهه همدرد رهيس جنهن سان سو اڄ آ حريف،
ٿيو ستمڪش به ستمگار ته ماشاءَ الله.

مون گهٽئي نقد دل و جان کي ڪيو نذر مگر،
ويو کٽي حسن کي زردار ته ماشاءَ الله.

نه ڪليسا ۾ مليو ۽ نه حرم ۾ ئي مليو،
هر طرف حسرتِ ديدار ته ماشاءَ الله.

خار آهي اڪثي خار سو خار ئي رهندو،
جيڪڏهن گل به ٿيو خار ته ماشاءَ الله.

شڪوهٔ چرخِ ستمگار ڪندين ڇا "اختر"،
آهه قسمت ۾ غمِ يار ته ماشاءَ الله.

•

نفرت ۽ محبت کـي سمجهي نـہ سگهيو آهيان،
حالت ۽ حقيقت کـي سمجهي نـہ سگهيو آهيان.

گـلـزار، تبسّم ۽ هـي شـور، عنادل چـو؟
غنچن جي نزاڪت کي سمجهي نہ سگهيو آهيان.

الله ٿـي چاڻي ٿـو هـي ڪهڙو معمّو آهـہ؟
اڄ تائين بہ عورت کي سمجهي نہ سگهيو آهيان.

ڪٿ پاڻي ٿـو طوفان ٿئي ڪٿ باهہ ٿي بستان ٿئي،
رحمت ۽ زحمت کـي سمجهي نـہ سگهيو آهيان.

ڪو حڪم، خدا آهـي ڪو حڪم، رسول آهي،
قـرآن ۽ سنّت کـي سمجهي نـہ سگهيو آهيان.

برهم بہ ٿو مئي سان ٿئي لالچ بہ ٿو مئي جـي ڏي،
مولانا جـي جنّت کي سمجهي نہ سگهيو آهيان.

اڇتو تـہ اٿس آخر پـوءِ ديـر پـلا چـاجـي؟
هن مهلت و فرقت کي سمجهي نہ سگهيو آهيان.

شڪوه بـہ تـہ جاهل آ تہ بہ بار امانت جـو،
حڪمت ۽ حڪايت کي سمجهي نہ سگهيو آهيان.

هيت حسن کان بيزاري هتّ حسن سان همدوشي،
واعظ جي طبيعت کـي سمجهي نہ سگهيو آهيان.

شطرنج بہ چاٽان ٿـو پيو تاش بہ کيڏيان پـر،
بـازيچہ قسمت کـي سمجهي نـہ سگهيو آهيان.

سمجهي بہ ڪندين تون ڇا دنيائـے نمود ”اختر“
مان تنهنجي ٿي فطرت کي سمجهي نہ سگهيو آهيان.

●

ڪنهن چشم، حقيقت بين ۾ اگر حيرت جو جهان آباد رهيو،
ان اهل، نظر لئہ گويا سڄي قدرت جو جهان آباد رهيو.

حاصل ٿي مسرّت غم مان اٿم حسرت ڪي ائين بيڪار نہ ڄاڻ!
اشڪن جي تہ قطره قطره ۾ الفت جو جهان آباد رهيو.

ان يار جي خاطر دل جي اندر تعمير ڪيو بتخانہ اٿم،
وحدت جي طفيل ٿي واعظ هي ڪثرت جو جهان آباد رهيو.

غيرن سان صنم جو ساٿ ڏسي محفل کي ڪري قائم نہ سگهيس،
صد شڪر جو ان جي ياد سان ٿي خلوت جو جهان آباد رهيو.

اڄ عشق و محبت صبر و رضا تسليم جي دنيا ناس ٿي ويئي،
هر طرف ڏسان ٿو عقل و فهم حڪمت جو جهان آباد رهيو.

هي شمس و قمر هي تارا ڪتيون هي رنگ، شفق سڀ شاهد ٿيا،
هن عرش، برين جي سايي ۾ رحمت جو جهان آباد رهيو.

اڄ غير کي جانان لوڏي ڪيڏو ماتم ٿو رقيب جي گهر ۾ ڏسان،
"ذلت جو زمانو ختم ٿيو عزّت جو جهان آباد رهيو."

محبوب رٺو دنيا ٿي رُٺي برباد تمنّائن جو قسم!
"اختر" جي اکين ۾ وحشت ٿي وحشت جو جهان آباد رهيو.

●

جي اسان ڏي يار جي نظرِ عنايت ٿي پوي،
زندگيءَ جو رنج و غم مون لاءِ راحت ٿي پوي.

جيڪڏهن ديدن ۾ عبرت جي بصارت ٿي پوي،
مه جبينن کي ڏسڻ گويا عبادت ٿي پوي.

پر هميشه لئه زماني جي عداوت ٿي پوي،
"من قيامت ۾ ڪا شافع جي شفاعت ٿي پوي."

همسفرا! همّت ڪري ڪاڻي ته وٺ منهنجي زبان،
ان جي محفل ۾ متان مون کان شڪايت ٿي پوي.

زاهدا! تون منهنجي مهنوشي کي بيهودو نه ڄاڻ!
منهنجي مدهوشيءَ سان شايد ترڪِ عادت ٿي پوي.

دردِ دل بابت نه پڇ لفظن ۾ هي ممڪن نه آهه،
هڪڙو هڪڙو حرف تو هڪ هڪ حڪايت ٿي پوي.

اڄ به ان جي روئي تابان تان هٽي جيڪر نقاب،
يا زمين تي زلزلو ٿئي يا قيامت ٿي پوي.

موڪليندو تو رهان مدت کان سهڻن ڏي سلام،
من ڪڏهن محبوب سان خطّ و ڪتابت ٿي پوي.

عاجزي ڌاران ڪڏهن حاصل نه ٿئي "اختر" فلاح،
پر نماز ۽ روزه تي خود استقامت ٿي پوي.

•

مان ٿو چاهيان تہ ڪا مونکي ٿئي دولت نصيب،
ياخدا! ڪر منهنجي دل کي عشق جي عظمت نصيب.

جنهن جي حسنِ ديد تي مجنون کي ٿي حيرت نصيب،
شال ٿئي مون کي بہ اهڙي يار جي صحبت نصيب.

غير کي همسائگي جي آهہ ٿي قربت نصيب،
من ٿئي مون کي بہ ڪوچهء يار ۾ تربت نصيب.

شيخ کي راضي ڪيو شايد رقيبن رمز سان،
منهنجو دستِ دل دراز آهي تہ، ٿئي غيرت نصيب.

اي قمر! منهنجي نصيبن تي نہ ڪل ڪجهہ شرم ڪر،
تنهنجي سيني تي بہ آهي داغِ بدنيت نصيب.

شمع روئي موڪلايو هو سحر ڪان وقتِ نزع،
عاشقِ مهجور کي ٿيو رنج و غم حسرت نصيب.

روئي روئي رنج ۾ راحت رسي "اختر" کي نيٺ،
درد پيو بڻجي دوا فرقت ۾ ٿي فرحت نصيب.

●

حسن عمل سان هر طرح شمس و قمر کي رام ڪر،
تارا ڪٿيون سلام ڪن عرش کي فرش عام ڪر.

عقل و خرد جي سيف سان اهڙو ڪو انتظام ڪر،
ابر ڪرم جو راز تون برق کي همڪلام ڪر.

ارض و سما جيون درميان منزلون طيءِ تمام ڪر،
خلد برين جي قصر تي پنهنجو هلي مقام ڪر.

پنهنجي ڪلام عشق سان پنهنجو بلند نام ڪر،
ذڪر خدا سان صبح ڪر شڪر خدا سان شام ڪر.

سامهون نظر جي سٺو به سٺو آهي جهاد آرزو،
اسپ هوس کي بوالهوس ههڙو نه بي لغام ڪر.

مست الست تي وڃون حسن صنم جي ديد سان،
ساقي اسان کي عشق جو اهڙو عطا ڪر جام ڪر.

جنهن جي ادا ۾ برتري، ان سان ڪجي ڇا همسري،
ويجهو نه وڃ وري وري دور کان ئي سلام ڪر.

خون جگر جي آب سان ساري وضو بصد نياز،
”نينهن واري نماز ۾ عشق کي تون امام ڪر“.

نغمهٔ عندليب ناه بزم چمن اڄ جو تي،
مرغ سحر کي باغبان اڄ نه اسير دام ڪر.

سايهٔ سروري ۾ ڪجهه ”اختر“ زار غم نه آه،
طالب مولي سائينءَ کي همدم جان مدام ڪر.

●

مان راهِ عشق ۾ وڏيس ڪو راهبر نہ مليو،
"سفر تہ ڪرڻو پيو پر ڪو همسفر نہ مليو."

هزار فتنا اٿاريا هوَسَ جي رنگ بهار،
رقيب راهہ ڪان روڪي وڏو ڪڏر نہ مليو.

هي آسمان ڇا شمس و قمر کي ساڙي ڇڏيان،
فغان ۾ آهہ جي قابل تہ ٿيس اثر نہ مليو.

جهانِ درد ۾ مون بيخبر ٿيڻ چاهيو،
خمارِ عشق کان ڪو اهڙو بيخبر نہ مليو.

قفس جي قيد کان حاصل ٿي ڪهڙي آزادي،
چمن جو صحن مليو آهہ بال و پر نہ مليو.

مان ٿا غير کي بزمِ صنم ۾ پيمانہ،
مرڻ جي لئہ بہ سڪايل کي سنگِ در نہ مليو.

اگرچ هوس مان مدت کان پنهنجي گهر ۾ لڪل،
مون پنهنجي گهر کي ڳوليو ٿي پنهنجو گهر نہ مليو.

اڪيون تہ مون کي بہ آهن ڏسڻ جي لاءِ "اختر"،
نگاهِ شوق رکڻ وارو ديده ور نہ مليو.

●

جنونِ عشق ۾ صحرا کي اختيار ڪيم،
چريو ٿي عقل جي دامن کي تارتار ڪيم.

اگرچ منّت و زاري هزار بار ڪيم،
خطا ڪيم جو وري ان تي اعتبار ڪيم.

الهيءَ جي رازِ محبّت کي آشڪار ڪيم،
سرِ غرور کي مجرم ٿي نذرِ وار ڪيم.

اسان جو پير مغان اڄ حرم ۾ آيو آه،
حرم کي بادهءِ گلگون سان داغدار ڪيم.

هڪ ئي نگاه سان ساقيءَ جي مست ٿيو زاهد،
نه آيو هوش ۾ هر چند هوشيار ڪيم.

خمارِ عشق جو تاثير ڪو لکڻ جو آه؟
جنابِ شيخ کي اڄ ليث باده خوار ڪيم.

معاف ٿيو نه گناه منهنجي بت پرستيءَ جو،
بتن سان پيار ڪري بتڪده کي خوار ڪيم.

وڻي ڏسي ڪو اچي لذّتِ گنهگاري!
گنهگار ٿي هن کي گنهگار ڪيم.

نه نوڙ سنبل و لالا جا غنچا اي گل چين،
جگر جي خون سان گلشن کي لاله زار ڪيم.

رهي جا ڪشمڪشِ وصل و قتل محفل ۾،
"تمام رات قيامت جو انتظار ڪيم."

هي آسمان سچو شعله شعله ٿنجي هيو،
جڏهن ڪان نالشِ سوزان فلڪ جي پار ڪيم.

نه آهيان غم کان رکيو بي قرار مان "اختر"،
هجومِ ياس ۾ هن کي بس بي قرار ڪيم.

●

روشن اگر تو شيخ جي شمعِ حرم ڪري،
عاشق تو وار وار جلائي ڀسم ڪري.

مان ڇا چوان ته منهنجو صنم ويو ستم ڪري،
هڪ ٿي نگاه ويٺي حسينن جي ڪم ڪري.

پل پيو هو روز روز ستم تي ستم ڪري،
ڪنهن وقت من خفا ٿي نگاهِ ڪرم ڪري.

جيڪر اسان حي گهر ۾ اچي جي صنم ڪري،
رستي ۾ ڊوڙي پيهان اکين کي قدم ڪري.

آن عاشقِ حزين جو ته ڪيڏو نه ٿيو نصيب،
مقتل ۾ ويٺو آه جو گردن کي خم ڪري.

يارب! ڏي موت مون کي ته محبوب مه جبين،
من وقتِ نزع سورهِ ياسين دم ڪري.

محفل ۾ آيو پاڻ سراپا جمال ٿي،
پل رشڪ هن جي حسن تي عرب و عجم ڪري.

اي نامه بر! لکي ها جي مون ڏي ٻه يار خط،
بيشڪ لکان جواب ها هي سر قلم ڪري.

آيو صنم ته آب اکين مان وهي هليو،
حاصل ڪريان ها راز اچا ضبطِ غم ڪري.

صندوقِ دل ۾ آهه مون سالن کان سانڍيو،
جانان جي هر جمال کي هڪ آلبم ڪري.

"اختر" کي بزمِ طالبِ مولا تي ناز آهه،
جنهن جي نگاهِ قدر ٿي اهلِ قلم ڪري.

•

عشق کي راهبر کري کوئي،
مثلِ مجنون گذر کري کوئي.

چشني طرفن ڪان تير مژگان جا،
هاءِ زخمي جگر کري کوئي.

بزمِ جانان ۾ بادهءِ نوشيءَ سان،
بارها بي خبر کري کوئي.

جلوهءِ طور، معرفت جو نور،
نقشِ دل ۾ نظر کري کوئي.

ڪاش! موج نفس، نگاهِ مسيح،
جان کي جلوه گر کري کوئي.

نسخهءِ ڪيميا ۾ عمر تي صرف،
دل جي تامي کي زر کري کوئي.

ظلمتِ شب ذليل ڪيو "اختر"
شمعِ دين سان سحر کري کوئي.

•

زندگي ۾ نہ آيو يار سهي،
موت کان پوءِ سرِ مزار سهي.

ڇا ٿيو جي هڪ گهڙي جو ناهه قرار،
حزن ۽ حسرتون هزار سهي!

گر هئين تي گلن جو هار نہ آهہ،
دل تي اشڪن جي هڪ قطار سهي.

گلشن رخ جي نوبهار پناهه!
شُتر بدمست بي مهار سهي!

سر تي ديوانگيءَ جو تاج اٿم،
دامنِ عقل تار تار سهي.

مون کي هڪ ٿي نگاهه ڪافي آهہ،
غير سان روز ان جو پيار سهي!

ڪا گهڙي من نهاري ديدون ڪٿي،
تير مژگان جگر جي پار سهي.

عقلِ تدبير کان ٿيس جو پري،
بيوقوفن ۾ ٿي شمار سهي!

زاهدا! توکي جنتون ليبه!
"اخترِ" مست بادہ خوار سهي!

●

جدا ٿي ڪاروان ڪان، ڪر نہ حاصل حسرتِ دل کي،
وڃائي هاءِ تون ويٺين مسافر پنهنجي منزل کي.
چڙهيو طوفان چوڌاري ٽَڪَرَ سان ٽُڪَرَ ٿي ٻيڙي،
پئين غرقاب ۾ غافل سنڀارين ڇا ٿو ساحل کي؟
لهي ويو آفتابِ شان ۽ شوڪت بہ گردون تان،
منوّر شمع حق سان ڪر شب ظلمات مشڪل کي.
تون بستيءَ ڪان پري مجنون صفت صحرا نورد آهين،
چتائي ڇا ڏسين ٿو اي ڇريا ليليٰ جي محمل کي.
ٿئين تون بحر ۾ بيوس دوا جي آ دعا يا رب،
ڪناري تي ڪرم سان آڻ امواجِ مسلسل کي.
ڪيو آ ڪاهليّت قوم جو حالِ حزين "اختر"،
تدبر جي تبر سان وڍ رسوماتِ تغافل کي.

●

پرديس سان محبوب وري آهه وطن ۾،
پڙڪي ٿي غمِ هجر جي اڄ باهہ بدن ۾.
تو ساڻ اٿم قرب جون ڪرڙيون ڪي ڪهاڻيون،
ٿئي ختم نٿو درد جو احوال خطن ۾.
بلبل ٿي ٻڌايان مان توکي پيار جون ٻوليون،
هڪوار هلي آهه گهمڻ دل جي چمن ۾.
وعدن کي وفادار تون ويٺين ڇا وساري،
وسرن ٿا ڪيل ڪين سخن تنهن جا صحن ۾.
مشڪل ٿي پئي آهہ جدائيءَ جي مصيبت،
طاقت نہ سهڻ جي آ رهي جان ۽ من ۾.
مايوس ٿي ڪر ڪيم تون افسوس اي "اختر"،
آواز ٿيو غيب ڪان اميّد جي ڪَنَ ۾.

●

سڪندر بخت ٿيو منهنجو بلند اقبال مان آهيان،
نگاهِ يار جي نعمت سان مالا مال مان آهيان.
عطا ٿيو بادهٔ الفت جو ساغر بزمِ جانان ۾،
زهي قسمت! محبت جي نشي ۾ لال مان آهيان.
جلال و جلوهٔ تاجِ جهانگيري شرف جنهن جو،
يقين جي گنج جو الماسِ استقلال مان آهيان.
سمايل ٿا رهن منهنجي تصور ۾ سوين عالم،
حياتِ جاوداني جو حقيقت حال مان آهيان.
تبسم جي ادا سان منهنجو نذرِ دل قبوليائين،
جهانِ عشق ۾ "اختر" همايون فال مان آهيان.

●

زندگيءَ ۾ تون زندگاني ڪر،
يعني تحصيلِ جاوداني ڪر!
پاڻ کي پاڻ ئي نه ڪر نابود،
پاڻ سان پاڻ مهرباني ڪر!
پاڻ محڪوم آهين ۽ حاڪم پاڻ،
پنهنجي پاڻهي تون پاسباني ڪر!
پل هجين شاهِ هفتِ اقليم،
بي خبر! خوفِ آسماني ڪر!
غير موسم ۾ عزمِ گل چيني،
گلشنِ دل جي باغباني ڪر!
آهه دنيا ۾ امتحان "اختر"،
ترڪ لذّاتِ نوجواني ڪر!

●

آباد حسرتِ دل آهي دلِ جوان ۾،
حظ و سرور پنهان منهنجي غمِ نهان ۾.

گلشن جي ڪر گلن کان اي مرغ سوڪلاٺي،
صياد آگ لائي افسوس آشيان ۾.

وحدت پرست زاهد جلوت ۾ آهي خلوت،
مون ڪيو صنم کي سجدو بتخانهٔ جهان ۾.

هر موج مثلِ طوفان! ياربتون ڪر ڪا رحمت،
آٿي ڇڏيسون ڪشتي دريائي بيڪران ۾.

فرقت جي فڪر و غم کان آزرده ٿي نه "اختر"،
اميدِ وصل آهي محبوب مهربان ۾.

●

ساقيا هن ميڪده ۾ غير کي آزاد ڇو؟
ساغرِ اسلام ۾ اڄ بادهٔ الحاد ڇو؟

ناز و نزهت سان بپا ٿي محفلِ مرغانِ صبح،
باغبان بزمِ چمن ۾ صحبتِ صياد ڇو؟

توکي تمعِ آب و دانہ ڪيو قفس خانہ ۾ قيد،
بلبلِ بيتاب! هي ٿي بي فائده و فرياد ڇو؟

اڄ جڏهن مليو جهانِ غم ۾ تسڪين و قرار،
عيش ۽ عشرت جي دنيا کي ڪجي آباد ڇو؟

صبح ٿيو هر جاءِ پهتو نور جو روشن شعاع،
تنهنجي محفل ۾ اڃا شمعِ ثمود و عاد ڇو؟

چند لمحن تي لٽائين ٿو حياتِ جاودان،
هاءِ پاڻهي پاڻ سان "اختر" ائين بيداد ڇو؟

●

مفت جي مال و زر کان غربت جو موت بهتر،
”ذلّت جي زندگيءَ کان عزّت جو موت بهتر“.

مسجد مان اچ ملا تون، حجري مان نڪر حافظ،
خلوت ۾ اچ رهڻ کان، خدمت جو موت بهتر.

مسلم جا ناز مسلم، رحمت جا راز مسلم،
حسرت جي هن جيئڻ کان هجرت جو موت بهتر.

ناهي حيا کو توکي، اي نوجوان مسلم،
ورطت جي وارثيءَ کان، وقعت جو موت بهتر.

اسلام آهه اعلي، مسلم تهي ٿو حاڪم،
اسلام ۾ غلامي؟ غيرت جو موت بهتر.

دشمن جي ٿي مقابل، ميدان ۾ آءُ ”اختر“،
تلوار کڻ هٿن ۾ همّت جو موت بهتر.

●

محفل ۾ حسن ديده بيا ٿي نٿو سگهي،
هي رنگ خون رنگِ حنا ٿي نٿو سگهي.

منهنجو هي دردِ عشق فنا ٿي نٿو سگهي،
”الاّ“ جو عزم آهه تہ ”لا“ ٿي نٿو سگهي.

اي ره نوردِ راهِ محبت! ڪجهہ اڳيرو،
ڏس جستجوئے يار ۾ ڇا ٿي نٿو سگهي.

ديدون ملائي دور ٿيڻ ۾ بہ هوندو راز،
اهلِ وفا کو اهلِ جفا ٿي نٿو سگهي.

”اختر“ کان جي صنم ٿو گذاري جدا تہ ڇا؟
ليڪن خيال يار جدا ٿي نٿو سگهي.

●

آن بت شوخ اکيان شيخ جو ايمان نہ رهيو،
زهد و تقويٰ تہ ڏهيو، پر کو مسلمان نہ رهيو.

زر جو جادو تہ ڏسو کيتري جرئت تو رکي،
حسن ارزان ٿي پيو، عشق جي شايان نہ رهيو.

حسن ستو' توبه شکن، زر سان تو پرزا ٿي پوي،
عشق بدنام سهي، بي سرو سامان نہ رهيو.

اڄ رڳو عشق و محبت جون کهاڻيون آهن،
بزم و ساقي نہ رهيا، ساغر و پيمان نہ رهيو.

●

نہ ٿيندو زر پرستيءَ سان کو حاصل جام کوثر جو،
ڀلا سونهي تو ڳڌهن جي ڳچيءَ ۾ هار گوهر جو؟

اٿئي گلٽ جا پئسا جواهر کيئن هلي وٺندين؟
نہ بدلو سون چانديءَ سان ٿئي پتل ۽ ڪوپر جو.

نہ وجهہ صندوقِ دل ۾ غير جي صحبت جون سوغاتون،
ڪڍهن چانديءَ جي برتن ۾ کو ٿيندو شان گوبر جو.

مسافر! دور تي منزل سنڀالي هل ڪٽي سامان،
سهڻ ڪونهي سڄڻ تنهنجي انهن نڪرن ۾ ٺوکر جو.

ڪنڌين ڇا اڄ هلي "اختر" گلستانِ نزاڪت ۾،
مزو ڪونهي اڳوڻو کو چمن ۾ گل صنوبر جو.

●

هاءِ بيدرد ڪيان دل پنهنجي قربائي ويٺين،
دل ڏيئي درد و الم رنج پرائي ويٺين.

تير مژگان جا هڻي جنهن جي ڪمانِ ابرو،
اف! اڪيون اهڙي ستمگر سان اڙائي ويٺين.

شوخ چشمن جي رهي جنهن جي هٿن ۾ شمشير،
اهڙي قاتل جي اڳيان ڪنڌ نمائي ويٺين.

جا ڏسي پاڻ ڏي شهبازِ نظر جو پروانو،
مرغِ دل هڪڙي اشاري تي اڏائي ويٺين.

ڪيئن تئين حسن جي هٿلر سان مقابل افسوس،
سرحدِ صبر و سڪونت کي وڃائي ويٺين.

تون گرفتار ڪمندِ سرِ گيسو سان ٿئين،
پاڻ کي بند ۾ بيحال بنائي ويٺين.

بي سبب بزمِ صنم ۾ هي وچن جو بدلو،
پير پنهنجي تي ڇري پاڻ وهائي ويٺين.

مدعا دل جي نه آئين ها لبن تي هرگز،
دشمني پاڻ سان پاڻهي ٿي پرائي ويٺين.

خانهءِ دل کي خيالات سان تعمير ڪري،
پنهنجي هٿ سان ئي وري آگ لڳائي ويٺين.

آتشِ عشق و محبت سان اٿالڪ "اختر"،
خرمنِ صبر و ادب هوش جلائي ويٺين.

●

اي نگاهِ شوق! طلبِ يار ۾ ديوانه تي،
بر عظيمِ عشق ۾ مجنون صفت مستانه تي.

صبح کان صيّاد آهي توکي ڦاسائڻ ۾ چست،
بلبلِ بيتاب! تون لا طمعِ آب و دانه تي.

ڪئين پيا رهزن ڦرن تنهنجي متاعِ صبر لاءِ،
اي دلِ مايوس! گنجِ سوز جو تهخانه تي.

مدّعائي وصل تي بس مختصر مليو جواب!
"قصّهٔ منصور تي يا طور جو افسانه تي."

سوزِ فرقت ۾ سڙڻ ڏاران نه ٿيندو وصلِ يار،
بزمِ غم ۾ شمعِ دردِ هجر جو پروانه تي.

عشق جي شطرنج کيڏڻ چوڪرن جو ڪم نه آهه،
مرد جو پٽ مرد تون ميدان ۾ مردانه تي.

جن رکيو سر پنهنجو سـَـٿ ۾ سيئي منزل تي رسيا.
مقتلِ جانان ۾ ڪشتهٔ غمزهٔ جانانه تي.

بت پرستيءَ ۾ گذر تي وئي "اختر" سڀ جمار،
بت شڪن محمود هو تون فاتحِ بتخانه تي.

•

اي دلِ پرجوش عقل و هوش کان بيگانه ٿي،
دائما دربارِ جانان ۾ هلي دوزانه ٿي.

بادهٔ ذوق جنون سان زينتِ خمخانه ٿي،
"قصهٔ منصور ٿي يا طور جو افسانه ٿي."

سوز جي لذت جي توکي ڇا خبر اي هوشور،
شوق سان شمعِ رخِ جانان تي پروانه ٿي.

هوشمنديءَ سان ڪڏهن حاصل نه ٿئي تڪميل عشق،
ليليِ فطرت جي حسنِ ديد تي ديوانه ٿي.

محفلِ رندان ۾ حاضر ٿي هلي مستانه وار،
مست ساقي جي نگاهِ مست سان مستانه ٿي.

عام ڪئي پيرِ مغان اڄ مئي سان تقسيمِ سڪون،
سرڪ سان سرشار ٿي دلدادهٔ پيمانه ٿي.

شوقِ شهرت ۾ نه ايڏو بوالهوش ٿي بيقرار،
ڪنجِ خلوت ۾ تون طالب منظرِ عرفانه ٿي.

ڪئي بپا اڄ ناز پرور ناز وارن بزمِ ناز،
ناز سان همناز ٿي خود ناز محبوبانه ٿي.

نينهن ۾ نروار ٿي "اختر" ملامت کان نه ڊڄ،
ڪار زارِ عشق ۾ هر تير جو نشانه ٿي.

●

طلوعِ شمس سان ويو منتشر ٿي روح شبنم جو،
سناٽو ڇانئجي ويو محفلِ گلشن ۾ ماتم جو.

ويا خاموش ٿي اهلِ تصوف معرفت وارا،
اثر ڪان آهه خالي وعظ علاءِ مڪرم جو.

دلِ بيجان وئي مدفون ٿي شاعر جي سيني ۾،
مزارِ شعر تي ڪونهي ڪو نيشان چشم پُرنم جو.

شرافت ٿي وئي تبديل دنيا ۾ شرارت سان،
خدا ڄاڻي ڇا ٿيندو حشر هن اولادِ آدم جو.

دلين ۾ اضطراب و غم تن آساني جون تدبيرون،
عجب تر عقل و هوش آهي هنرمندانِ عالم جو.

اچي طرفن ڪان پيو طوفان تجلي برق جي هنجي،
سلام و امن سان پيو سرّ ٿئي اسرار ائنم جو.

اڙي نادان! نہ ڪر علم و هنر تي تون غرور اهڙو،
شرف تختِ سڪندر ڪان نہ ڪمتر گردنِ خم جو.

نسيمِ دردِ الفت ۾ سڪونِ قلب جو تاثير،
نہ آهي عشق جو مجروح ڪو محتاج مرهم جو.

سرائي دهر ۾ "اختر" ڪئين آيا ڪئين ايندا،
هتي هرڪو مسافرخانہ ۾ مهمان ڪنهن دم جو.

•

افسوس سندءِ دل اهلِ نزاڪت، حال جي هر آرام تي آهه،
هي شوق، هوس جو طوق اٿئي، عاقل جي نظر انجام تي آهه.

ملڪيت ڪي ڏسي مغرور نه ٿي، هستيءَ جي نشي ۾ ههڙي طرح،
هي صبحِ تجمل سمجهه ته پهتو ظلمت و شڪلِ شام تي آهه.

هي وقت اٿئي مهلت جو مليو، ڪر پنهنجي حياتي وقفِ عمل،
هان! عالمِ بو ۾ کهڙو سڄڻ، اقرار دمِ بي نام تي آهه.

دشمن جي صفِ حائل ڪي ڏسي اي فخرِ وطن بزدل ٿو ٿئين؟
هر قوم جي تعميرات و ترقي خنجرِ خون آشام تي آهه.

همت جي ٻڌي مضبوط ڪمر ميخانه ڇڏي ميدان ۾ آءُ،
چؤطرف چڙهائي اڄ تو ڏسان خصمن جي خمارِ جام تي آهه.

ڇا ٿيو جي ڪٿي دولت جي ڪري مقبول تون بزمِ خاص ۾ ٿئين،
اقبال ۽ عزت، شان شرف، رغبت ۽ رسوخ عام تي آهه.

حسرت ڪان ڪري هيءَ سنهنجي زبان ڪيئن ضبطِ غم و فرياد وفغان،
آه! ياس و الم جو بار گران "اختر" جي دل ناڪام تي آهه.

●

بي درد بنجي بزم ۾ قاتل تمام رات،
خنجر بڪف ٿي ويٺو مقابل تمام رات.
مان هوس حسرتن سان حمائل تمام رات،
ڪلندو رهيو مثان مهِ ڪامل تمام رات.
اڄ منهنجي غم ڪده ۾ رهيو مون سان پيو رفيق،
ڳوڙها وهائي شمع ٿي شامل تمام رات.
رندن جي تشنگيءَ ڪان صراحي ٿي سجده ريز!
ميخانه ٿيو نماز جي قابل تمام رات.
هن جي نگاهِ مست سان مدهوش ٿي ويس،
دنيا جي دار و گير ڪان غافل تمام رات.
بي اختيار ٿي صنم جي مون رخسار کي چميو،
زلفن جو طوق ٿي ويو حائل تمام رات.
آن شاطرِ حريف ڪان بازي ڪٿي اٿم!
ڏيئي ڪي ضبطِ غم جا دلائل تمام رات.
دريائي درد و غم کي ڏسي شيخ بوالهوس،
پي پنڪندو رهيو لبِ ساحل تمام رات.
خلوت نشين زاهدِ شب خيز خوش رهي،
حورن جي آسري ۾ جو غافل تمام رات.
جوشِ جنون سان طيءَ ٿي سگهي ٿي سبيلِ عشق،
چالاڪيءَ جي گهاٽي جيئن ڦري عاقل تمام رات.
اڄ ڪنهن جي انتظار ۾ تارا ٽڪي ويا،
تارن ڏي منهنجي دل رهي مائل تمام رات.
مومن سو آهه جنهن ڪئي دل جي يقين سان،
ان بُت اڳيان پرستشِ باطل تمام رات.
”اختر“ اسان جو پيرِ حرم اڄ اچي ٿيو،
بتخانهءِ ضمير ۾ شامل تمام رات.

•

دردِ فرقت جي هيءَ فراواني،
ياخدا ڪر تون مشڪل آساني.

باوجوديڪ باده نوشيءَ جي،
نہ ٿئو درد و غم پريشاني.

مان ڪيان ان تان جان پيو قربان،
هو وٽي غير کي ڪندو جاني.

مون کي هردم نياز ۾ نوڙت،
هن کي هر وقت ناز سلطاني.

ان ڪيو اڄ نقدِ دل کان انڪار،
مون کي ڪرڻي پوي نہ ديواني.

رنگ لائيندي بزمِ جانان ۾،
تنهنجي "اختر" اها غزل خواني.

●

عـريـان ٿيو حسنِ ڪيف نگارِ شراب ۾،
صدها ويا ٿي مست جوارِ شراب ۾.
پرواني جو هي سوز ۽ هي شمع جو گداز،
جان و جگر لٽار وقارِ شراب ۾.
خندان ٿئي ٿو خاص طرح غنچهٔ خودي،
اي عندليب زار بهارِ شراب ۾.
ساقي ڏي اهڙو جام جو بيخود ڪري ڇڏي!
مستي جو شان آهه خمارِ شراب ۾.
صحرائے عقل ۾ چريا! مستن جو ڪهڙو ڪم،
ڇو اي جنون نه هلجي ديارِ شراب ۾.
مون ساري زندگي ڪئي مئخانه ۾ بسر،
يارب! جڳهه ڏئين ته مزارِ شراب ۾.
پيئند ين اي شيخ ڪيئن مئي ڪوثر کي تون جڏهن،
هڪ پيرو پي نه آئين ديارِ شراب ۾.
”اختر“ سرور وٺ تون مئي عشق مان مگن،
بدمستي آهه ڪفر خمارِ شراب ۾.

●

نه ڇڏ همت کي هٿ کان هاڻ ساحل کي اچي ويجهو،
مسافر ڪيم تون گهبراءِ منزل کي اچي ويجهو.
ڪيو مخمور ساقي اهلِ محفل کي اچي ويجهو،
نظر سان نور بخشي ديدهٔ دل کي اچي ويجهو.
هي منهنجي آه جو شعلو فلڪ کي ساڙي اڄتي ٿيو،
مان سمجهان ٿو هو پهتو ماهِ ڪامل کي اچي ويجهو.
مئي جو جام پيتم پئي سڏي واعظ ته سمجهايو،
مون پڇتايو ڪهڙي پوءِ اهڙي جاهل کي اچي ويجهو.
حسينن جي رخِ تابان سان گستاخي نه ڪر ”اختر“،
بچي سگهند و سو ڪيئن زلف مسلسل کي اچي ويجهو.

●

صنم سينگارجي آيو عجب زربفت زيور سان،
قمر کي ڪانه هئي تشبيهه ان جي رخ منور سان.
جڏهن هن شوق جي خاطر ٿي ڇوڙيو پنهنجي زلفن کي،
ويو ٿي واسجي ميدان سارو مشڪ عنبر سان.
نگاهِ ناز جي سامهون نهاريندي ٻصد حسرت،
ڪمندِ زلف ۽ قانس ڪئي ابرو جي خنجر سان.
ڪئي دنيا ٿي هن جي حڪم جي تعميل هر حالت،
هميائين ٿي دم حڪومت جو شهنشاهِ سڪندر سان.
فقط چشمن جي هڪ ٻر سان فرانسِ دل فتح ڪيئين،
مقابل ٿي نه سگهيو حسن جي سالار هٽلر سان.
نه هوندو حسن جو غلبو هميشه يار هي تنهنجو،
نه ڪر ناراضپو تون ناز وارا نيڪ "اختر" سان.

●

ان جي هر رمز رازو نياز کي نيٺ،
هڪ مڪمل ڪتاب ٿيڻو پيو.
ان جي هڪ ئي نظر سان شوق وڌيو،
شوق کي اضطراب ٿيڻو پيو.
ان جي ذره نوازيءَ کي ته ڏسو،
"ذره کي آفتاب ٿيڻو پيو."
مون صدا هنئي ته گنجِ عشق مليو،
بينوا کي نواب ٿيڻو پيو.
نهر تي آهي آيو پيرِ مغان،
آبِ جُو کي شراب ٿيڻو پيو.
ماهِ ڪامل ڏسي سان منهنجو صنم،
رشڪ ۽ بينقاب ٿيڻو پيو.
نيٺ "اختر" کي بزم طالب مان،
هر طرح فيضياب ٿيڻو پيو.

●

اڄ جڏهين هرڪو رهي ٿو اي صنم خوشدل الڳ،
اڄ تہ پنهنجي پاڻ ۾ مچايون پنهنجي ڪا محفل الڳ.

منهنجي عظمت وئي تہ رل مل ٿيا رقيبن سان رفيق،
خود مقدر ٿي ويو اغيار سان شامل الڳ.

ڪلندي ڪلندي مون چيو پي آن جي رخ کي بار بار،
پر مٺان ڪلندو رهيو هر هر مہِ ڪامل الڳ.

ٿي پري دربان در تان ڀي مهل مون کي نہ روڪ،
بزم مان ڪڍو اٿم هو غير ناقابل الڳ.

زاهدا! طعنہ نہ ڏي چاڪِ گريبان کي ڏسي،
وحشتِ جوشِ جنون ۾ عشق جي منزل الڳ.

توسان ڪٿي منهنجو سفر ٿئي اي رقيب رو سياه،
تنهنجو آب و گل الڳ ۽ منهنجو آب و گل الڳ.

مون تہ راهِ عشق کي سمجهيو ٿي آسان تر مگر،
ڪنهن بہ صورت ۾ نٿو مقصد ڪان ٿئي مشڪل الڳ.

منهنجي مدفن تي اچي ٿيا نوحہ خوان مرغانِ صبح،
گل الڳ بلبل الڳ قمري الڳ ڪوئل الڳ.

آهي هيءَ ڪهڙي نہ دنيا جا رهي ڪنهن سان نہ راس،
عالم و عاقل الڳ ۽ ”اخترِ“ جاهل الڳ.

# كافيون

## ڪافي

ٺل: ڇوٽو پکيڙا ڳهاريس دور،
پهچ وري پرديسي وطن ۾.

١- ياڻ ڀتوڙيئي حرص و هوس ۾،
ڦاٿئين بلبل قيد قفس ۾،
ناهه آڏامڻ تنهنجي وس ۾،
معاف نٿو ٿئي اهڙو قصور،
مرغِ چمن ڪي بزمِ چمن ۾.

٢- باغ و بهار تي شاد نه ٿئين ها،
عيش ڏسي آزاد نه ٿئين ها،
اهڙيءَ طرح برباد نه ٿئين ها،
تنهنجو ڪمينو ڪبر و غرور،
ڦوڪ ٿو ڏئي صياد جي ڪن ۾.

٣- بند ڪري فرياد و جرس ڪي،
ضربِ عمل سان ٽوڙ قفس ڪي،
گلشنِ حق جي ڳول تون ڪس ڪي،
آهين اگر تيو اهلِ شعور،
فهم و فراست فڪر ۽ فن ۾.

٤- غم نه اجايو ڪر تون "اختر"،
ٿي نه وڃي ڀاڙو تيندي واهر،
شافعِ محشر پاڪ پيغمبر،
آسون آميدون آهن ضرور،
حضرت هوت حسين حسنؑ ۾.

## ڪافي

ٿل: پنهنجو وڃائي پاڻ وجود،
فڪر فنا ۾ پاڻ فنا ڪر.

١- اوڪي اٿيئي ٻره جي بازي،
ناز جي اڳيان ڪر تون نيازي،
سوز سيڪاريو آهه سجود،
سامهون سڄڻ جي عشق ادا ڪر.

٢- ڪر نه اجايا عيش تون انسان،
قلب مان ڪڍ تون نياڳ ڪي نادان،
ڇڏ تون ندورو نام و نمود،
مست ٿي محبت جو پنڌ پڇا ڪر.

٣- ملڪ مجاز مان پاڻ مٽائي،
عالم عشق جو جامون پائي،
نفس نحوست ڪر نابود،
حق سان حق ٿي حق کي بجا ڪر.

٤- ورق ورائي وحدت وارو،
عبد ۾ احمد جو سمجهه اشارو،
الاالله سو حق موجود،
ويهي ”اختر“ ورد وفا ڪر.

## ڪافي

ٿل: دنيا ڪان منهن مٽائي، پرين ڏي هل پچائي،
سالڪ سڏائي سمجهي، صوفين جو پوش پائي.

١- چڏ يار هوڏ هستي،
مايا تي ڪر نه مستي،
بيڪار آهه بستي،
صحرا ڪي وڃُ وسائي.

٢- عاشق ٿي عمر ساري،
ڪر ڪا طلب تياري،
سک رمز راز واري،
بيحال جا بنائي.

٣- ٿي بي نياز بلڪل،
ڪر فيض حق حاصل،
بنجي فقير ڪامل،
دولهون وڏو دکائي.

٤- اڳيان اٿئي محشر،
ٿيندين ملول مضطر،
پچهاءِ رب کي ”اختر“،
سجدي ۾ سر نمائي.

## ڪافي

ٿلھ: سڪ سنجهه تي سيائو،
سر تي سفر سنئائو،
سامان ڪر سنڀالي،
نه ته هوندي هٺ نمائو.

١- ڪفني ڪلهن تي پائي، سامي صفا سڏائي،
پهتا سکھو پڇائي، پنهنجو وطن ابائو.

٢- ڪئين عقل جا اڪابر، هن ڪس مٿنجهن ٿا ماهر،
موڳو نه تي مسافر، ڪر ساٿ کو سڄاڻو.

٣- هوشيار تي هليو هل، جهاڳي جبل ۽ جهنگل،
اڳتي اچا تي منزل، ٽيندو جتي ٽيڪاڻو.

٤- هيت همت نه هل اجايو، ڪر تون سفر جو سعيو،
جيڪو اڳيئي آيو، "اختر" اهو اگهاڻو.

اينهين سمجهڻ کپي ته آسماني اختر هالا جي زمين تي نازل ٿيو ۽ پنهنجي چمڪ، دمڪ ۽ روشني سان زمين کي آسمان بنائي ڇڏيو هئائين.

- مخدوم طالب المولىٰ

غزل هجي يا نظم، يا قطعو، رباعي اختر صاحب جي شعر ۾ فڪر جي بلندي، خيال جي ندرت، زبان و بيان تي مڪمل عبور ۽ استادانه مهارت موجود آهي.

- عبدالحميد شهيد ابنِ "اختر"

سياست سنڌ جي گهوڙن جو ميدان
اجا چالو نظارو آ ڏڪڻ جو

اهو نظارو اڄ به چالو آهي. نڌڪا گهوڙا، غيباٽا هسوار وانگر! ڇا هڪ شاعر جي اڪ ايترو پري تائين ڏسي سگهي ٿي! تڏهن ئي ته هو اها بشارت ٿو ڏئي:

ٻڌو اٿم ته هتي ڪو مسيح اچڻو آه

- امداد حسيني

★

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.